Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

ڪراچي

جلد :12 | جمع 22 ڊسمبر 2023ع بمطابق 08 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:72 | قيمت 10 روپيا

5 سالن کان پوءِ ته ڪميشن جي اثارتي ئي نه آهي : چيف اليڪشن ڪمشنر

اليڪشن ڪميشن اي اين پي انٽرا پارٽي چونڊ ڪيس تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

عوامي نيشنل پارٽي جي انٽرا پارٽي چونڊن بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ اليڪشن ڪميشن جي 5 رڪني ڪميشن ڪئي

اي اين پي جو صدر اسفنديار ولي موجود هئو، جڏهن ته ڊي جي پوليٽيڪل فنانس ونگ مسعود شيراني ڪميشن کي اي اين پي انٽرا پارٽي چونڊن بابت بريفنگ ڏني

اسان کي چيو ويو ته 6 مهينا ڏيون تا جيڪڏهن 6 مهينن ۾ مڪمل نه ٿي سگهيو ته ٻيهر چونڊون ڪرايون ويندين (وڪيل) عوامي نيشنل پارٽي انٽرا پارٽي چونڊن جي لاءِ الٽرا گهريو آهي : اليڪشن ڪميش اختياريون

آئين چوي ٿو ته 4 سالن جي لاءِ عهدا هوندا پر چونڊن جي صورت ۾ ڪابينه ڪم ڪندي رهندي، 6 مهينن ۾ ته وسوسا رهيا ته چونڊون ٿي رهيون آهن يا نه.؟ : وڪيل اي اين پي

اهڙي موقعي تي اها ئي درخواست ڪئي رڃي ٿي ته 6 مهينن جو وقت ڏنو رڃي (اسفنديار ولي) اوهان جا دليل ٻڌي ورتا آهن اهو نه سمجهو ته ايڪسٽينڊ ڪري ڇڏيو آهي : چيف اليڪشن ڪمشنر

اسلام آباد (م ڊ) اي اين پي انٽرا پارٽي چونڊن جي ڪيس تي اليڪشن ڪميشن فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. عوامي نيشنل پارٽي جي انٽرا پارٽي چونڊن بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ اليڪشن ڪميشن جي 5 رڪني ڪميشن ڪئي. ان موقعي تي اي اين پي جو صدر اسفنديار ولي موجود هئو، جڏهن ته ڊي جي پوليٽيڪل فنانس ونگ مسعود شيراني ڪميشن کي اي اين پي انٽرا پارٽي چونڊن بابت بريفنگ ڏني. وڪيل ٻڌايو ته اسان کي چيو ويو ته 6 مهينا ڏيون تا جيڪڏهن 6 مهينن ۾ مڪمل نه ٿي سگهيو ته ٻيهر چونڊون ڪرايون ويندين. چيف اليڪشن ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي گهر تي دستي بم حملي جو ڪيس داخل

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي گهر تي دستي بم حملي جو ڪيس داخل. ڪيس ۾ دهشتگردي، سرڪاري ڪم ۾ مداخلت سميت سنگين قلم شامل. ايف آءِ آر ۾ جاٽايو ويو ته اٽڪاتل ماڻهن جي چرچ تي گرنيڊ سان حملو ڪيو ويو رٽائرڊ ڪانسٽيبل سجاد حسين جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ٿيڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

مراد سعيد، حماد اظهر، فرخ حبيب ۽ علي امين گنڊاپور سميت 51 پي ٽي آءِ اڳواڻن جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳالهه گرفتاري وارنٽ جاري

عدالت 9 مئي تي گوجرانوالا ڪينٽ تي حملي ۽ ڀڃڊاڻ جي ڪيس ۾ پوليس جي استدعا تي گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

جوابدار مختلف ڪيسن ۾ نامزد آهن ۽ گرفتاري کان بچڻ جي لاءِ روپوش آهن : پوليس

اسلام آباد (م ڊ) دهشتگردي جي انت واري عدالت 9 مئي جي ڪيسن ۾ مراد سعيد، حماد اظهر، فرخ حبيب ۽ علي امين گنڊاپور سميت پي ٽي آءِ جي 51 اڳواڻن جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳالهه گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن. عدالت 9 مئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪيرڪٽان کان چونڊون وڙهندو؟ سياسي پارٽين جي اڳواڻن جا تڪ سامهون اچي ويا

نواز شريف لاهور ۽ مانسهره، شهباز شريف لاهور ۽ ڪراچي، آصف زرداري نوابشاهه ۽ بلاول ڀٽو لاڙڪاڻي مان چونڊن ۾ حصو وٺندو

مريم نواز، حمزه شهباز ۽ عليم خان لاهور مان چونڊ وڙهڻ جا خواهشمند ، يوسف رضا گيلاني ملتان، جهانگير ترين لوڌران مان چونڊ وڙهندا

جماعت اسلامي جي امير سراج الحق لوئر دير ۽ شيخ رشيد راولپنڊي مان چونڊ ميدان ۾ لهڻ لاءِ تياريون ڪري ورتيون

پاڪستان ۾ عام چونڊن جي اعلان کان پوءِ حصو وٺندڙ سياستدانن جا فائيل فوٽو

لاهور (م ڊ) پاڪستان ۾ عام چونڊن جي اعلان کان پوءِ حصو وٺندڙ سياستدانن چونڊ سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان سميت مختلف ملڪن ۾ ٽوئٽر (ايڪس) جي سروس معطل

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان سميت سڄي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٽوئٽر(ايڪس) جي سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڊيره اسماعيل خان حملي جي ماسٽر مائينڊ ۽ سهولتڪارن سميت 9 دهشتگرد گرفتار

دهشتگرد حملي ۾ ملوث ماسٽر مائينڊ جو تعلق ڊيره اسماعيل خان جي علائقي دربن سان آهي : سيڪيورٽي ذريعا

ڊيره اسماعيل خان ۾ آپگهاتي حملو ڪندڙ دهشتگرد حسن عرف شاڪر جو تعلق افغانستان سان آهي

لاهور (م ڊ) سيڪيورٽي ادارن ڊيره اسماعيل خان ۾ ڪارروائي ڪندي هڪ هفتو اڳ سيڪيورٽي فورسز جي ڪمپائونڊ تي ٿيندڙ حملي جي ماسٽر مائينڊ ۽ 7 سهولتڪارن سميت 9 دهشتگردن ۾ حسن عرف شاڪر جي تعلق بابت ٻڌايو ويو آهي. سيڪيورٽي ذريعن مرجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

هڪ ليڊر جيل مان سهولت گهري رهيو آهي ۽ ٻيا چون ٿا ته سي پيڪ اسان شروع ڪيو: شرجيل ميمڻ

پي ٽي آءِ قيادت پنهنجي ڪاري ڪرتوتن سبب جيل ۾ آهي ، فيبروري تي عام چونڊون آهن

جنهن کي مينڊيٽ ملي، اهو عوامي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري

عوام کي ڪا دلچسپي ناهي ته ڪير جيل پيو وڃي ڪنهن کان بدلو وٺڻو آهي : صحافين سان ڳالهيون

حيدرآباد: شرجيل انعام ميمڻ فارم پرائيندي

حيدرآباد (رپورٽ) اڳوڻي صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هڪ پارٽي تي جڏهن برو وقت ايندو آهي ته اها ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جو سوچي ٿي جڏهن ته هڪ پارٽي جو اڳواڻ جيل ۾ آهي ته اهو ٻاهر وڃڻ لاءِ حربا استعمال ڪري رهيو آهي پر عوام هائي باشعور آهن ۽ اهي ڪنهن به سازش يا لساني جهيڙن جي سياست ۾ نه ايندا ۽ انشاءالله سنڌ مان پي پي پي 95 سيڪڙو سيٽون حاصل ڪري ڪامياب پارٽي طور تي سامهون ايندي ۽ وفاق ۾ به هڪ وڏي پارٽي جي طور تي سامهون ايندي _ هو اڄ پي ايس 61 حيدرآباد تي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجا ڪاغذات نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اصلي ۽ نسلي آهيان، پي ٽي آءِ لاءِ چلو ڪانيو آهي: شيخ رشيد

3 تڪن تان چونڊ وڙهڻ جون خبرون بي بنياد آهن، اين اي 56 ۽ اين اي 57 تان چونڊ وڙهي رهيو آهيان

8 فيبروري تي چونڊون ڪرائڻ جي تاريخ ڏيڻ ڪانپوءِ هاڻ ڪا گنجائش ناهي رهي، جڏهن ته مان وڏي اڪثريت سان ڪٽيندس

مان انهن خلاف ڪو بيان نه ڏنو، پي ٽي آءِ ۽ عوامي مسلم ليگ هڪ آهن ته سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڇا جي

اسلام آباد (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته مان اصلي ۽ نسلي آهيان، پي ٽي آءِ سان گڏ جي بيڪو آهيان، صحافين سان ڳالهائيندي شيخ رشيد چيو ته تڪن تان چونڊ وڙهڻ جون خبرون بي بنياد آهن، اين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

توشا خانا ڪيس جو فيصلو معطل ڪرڻ جي درخواست رد، عمران خان جي نااهلي برقرار

ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ڊويزن بئنچ فيصلو جاري ڪيو

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري 9 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ بانيءَ جي توشا خانا ڪيس ۾ سزا جو فيصلو معطل ڪرڻ جي درخواست رد ڪئي وئي. توشا خانا فوجداري ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ڊويزن بئنچ فيصلو جاري ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بلوچ يڪجهتي مارچ: اسلام آباد ۾ پوليس جو ڪريڪ ڊائون، لنبازي، ڪيترائي گرفتار

گم ٿيل ماڻهن جي وارثن طرفان شروع ڪيل لانگ مارچ ۽ ڌرڻي تي پوليس طرفان ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو. ڪيترن ئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بلوچ يڪجهتي ڪميٽي جو قاتلو بلوچستان کان اسلام آباد پهتو، جتي ضلعي انتظاميه ۽ پوليس سامهون اچي وئي

مظاهرين پوليس تي پٿراءُ ڪيو، جنهن تي انتظاميا جي طرفان ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد: بلوچ يڪجهتي مارچ اسلام آباد ۾ داخل ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) گم ٿيل ماڻهن جي وارثن طرفان شروع ڪيل لانگ مارچ ۽ ڌرڻي تي پوليس طرفان ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو. ڪيترن ئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آءِ ٽي واري وزارت حج کي ڊجيٽلائز ڪندي موبائيل ايپ تيار ڪري ورتي

اسلام آباد (م ڊ) انفارميشن ٽيڪنالاجي (آءِ ٽي) واري وزارت حج کي ڊجيٽلائز ڪندي موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

قانون ٺهن ٿا پر عمل نٿو ٿئي، ننڍي عمر جون شاديون روڪڻيون پونديون: عمر سومرو

سنڌ ۾ ڪيترائي قانون ته ٺهن ٿا پر انهن تي عمل نه ٿو ٿئي، سنڌ اسمبلي 2013ع ۾ قانون پاس ڪري چڪي آهي

اسلام پهريون مذهب آهي جيڪو شادين تي پابندي کي قانوني حيثيت ڏئي ٿو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي قانون ۽ انساني حقن بابت نگران وزير محمد عمر سومري چيو آهي ته سنڌ اسمبلي ۾ قانون پاس ٿيڻ باوجود ننڍي عمر جون شاديون ٿي رهيون آهن. ننڍي عمر جي شادين کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

بلاول ايازميلي جو افتتاح ڪري ڇڏيو، منهنجي خواهش آهي ڪشميرِ پنجاب جا نوجوان شيخ ايازڪي ائين سڃاڻين: پ پ چيئرمين

منهنجو خواب آهي ته پاڪستان جو ٻار ٻچو موهن جي دڙي کان واقف هجي: بلاول ڀٽو زرداري

مان چاهيان ٿو پاڪستان کي هڪ نئين رستي تي وٺي وڃون، جتي اسان پنهنجي تاريخ، پنهنجي ثقافت تي فخر ڪيون

منهنجي عوام کي اپيل آهي ته جدوجهد ۾ اسان جو ساٿ ڏئي، چو ته اڪيلي سر ڪير به ڪجهه نٿو ڪري سگهي

ڪجهه ماڻهو چاهين ٿا ته ورهاڱو برقرار رهي، پر ڪاميابي وچوٽين ۾ نه پر اتحاد ۾ آهي، هڪبئي کي غدار ۽ ڪافر ڪوٺڻ سان ملڪ ڪيئن هلندو؟

اسان روايتي سياست مان جند ڇڏائڻي پوندي، گليشيئر جي خطري بابت ماڻهن کي آگاهه رهڻ گهرجي، جڏهن برف پگهرجي ويندي ته اسان ٻوڏ ۾ ٻڏي ويندا سين

جڏهن ليڪڪ ۽ آرٽسٽ نه هوندا ته پوءِ سياست به اهڙي ئي هوندي : پ پ چيئرمين جو اياز ميلي کي خطاب

حيدرآباد (رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته منهنجي خواهش آهي ڪشميرِ پنجاب جا نوجوان شيخ اياز کي ائين سڃاڻين، جيئن سنڌ جا نوجوان علامه اقبال کي سڃاڻيندا آهن. اياز ميلي سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مان ثقافت تي فخر ڪيون، منهنجو خواب آهي ته پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

حيدرآباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اياز ميلي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

ملڪ ۾ عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون: آرمي چيف

لاجسٽڪس جي ڪري چونڊون ڪجهه ڏينهن اڳيان پٺيان ٿي سگهن ٿيون: جنرل عاصم منير

چونڊون ٿينديون ضرور هر صورت ۾ مارچ ۾ سينيٽ جي چونڊن کان اڳ ٿينديون

آرمي چيف پاڪستاني ڇاون آمريڪين سان معيشت، دهشتگردي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ زراعت سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون

واشنگٽن: (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته ملڪ ۾ عام چونڊون مارچ کان پهريان ٿينديون. جنرل عاصم منير واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ موجود پاڪستاني ڄاڻي آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪستان افغان سرزمين تان دهشتگرد حملن جو معاملو سلامتي ڪائونسل ۾ اٿاري ڇڏيو

ڪالعدم ٽي ٽي پي ۽ ان سان واڳيل عسڪري تنظيمون پاڪستان ۾ دهشتگردي جون ذميوار آهن : منير اڪرم

افغانستان ۾ دهشتگرد گروپن جي موجودگي نه رڳو افغانستان پر خطي لاءِ خطرو آهي

ٽي ٽي پي کي جديد هٿيار هٿ اچڻ واري معاملي جي جاچ ڪئي وڃي

واشنگٽن: گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو مستقل نمائندو منير اڪرم اجلاس دوران ڳالهائيندي

واشنگٽن (م ڊ) پاڪستان افغان سرزمين تان دهشتگرد حملن جو معاملو سلامتي ڪائونسل ۾ اٿاري ڇڏيو گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

صادق سنجراڻي پاران عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسان مسلمانن ۽ هندن ۾ ڪڏهن فرق ناهي ڪيو: نواز شريف

پاڪستان جي اقليت ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن : ن ليگ سربراهه

قومي ليڊر آڏو پوري قوم هوندي آهي، قومي ليڊر لاءِ سڀ برابر هوندا آهن

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي قائد ميان نواز شريف چيو آهي ته پاڪستان جي اقليت ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن. ڪير مسلمان آهي ۽ ڪير غير مسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

چونڊ تاريخ تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ شيڊول ۾ ترميم ڪريو: ن ليگ

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ لاءِ رڳو 3 ڏينهن ڏنا ويا آهن

نامزدگي ڪاغذن جي چنڊچاڻ لاءِ 7 ڏينهن ڏنا ويا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن الڪشن ڪميشن کان 8 فيبروري جي پولنگ جي تاريخ تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ چونڊ شيڊول ۾ ترميم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ چيئرمين جو ليول پليئنگ فيلڊ لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو

آرٽيڪل 184 جي شق 3 تحت درخواست داخل ڪئي وئي

درخواست ۾ وفاق، اليڪشن ڪميشن ۽ چئني حڪومتن کي ڌرڻيا ويو

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر ليول پليئنگ فيلڊ لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو بئريسٽر گوهر طرفان سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هالا پهچي ويو

مخدوم محبوب الزمان جي وليمي واري تقريب ۾ شرڪت

مخدوم خاندان جي خوشين ۾ شرڪت ڪري تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان : بلاول

هالا (رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين ۽ اڳوڻو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري هالا شهر ۾ پهچي اڳوڻي صوبائي وزير روينيو مخدوم محبوب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

دائود ابراهيم ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جون خبرون بي بنياد آهن : پرڏيهي ترجمان

پارٽ سڀائين پاڪستان تي الزام هنيا آهن ۽ پروپيگنڊا ڪئي آهي : ممتاز زهره بلوچ

پارٽ نه رڳو ڏکڻ ايشيا پر سڄي دنيا ۾ دهشتگردي پکيڙي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته دائود ابراهيم ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جون خبرون بي بنياد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

هالا: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مخدوم محبوب الزمان جي وليمي واري تقريب ۾ ڳالهائيندي

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اڳهه ۾ گهٽتائي

100 ڪلوگرام ڪڻڪ جي ٻوري ۾ 500 روپيا گهٽتائي ٿي

پنجاب ۾ ڪڻڪ جو اڳهه ساڳيو 11 هزار 750 روپيا ٻوري برقرار

ڪراچي (م ڊ) صوبائي ڪابينا سرڪاري گدامن مان 100 ڪلوگرام ڪڻڪ جي ٻوري ۾ 500 روپيا گهٽتائي ڪندي ڪڻڪ جي رليف پرائيس ڀارڀاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

بلاول پاڪستان مان ڪٿان به چونڊ وڙهي سگهي ٿو: مرتضيٰ وهاب

چيف اليڪشن کي هٽائڻ جو مطالبو بار ڪائونسلز جو آهي

عدالت نالن جي متاثرين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ 15 ڏينهن جي مهلت ڏني آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري سموري پاڪستان مان ڪٿان به چونڊ وڙهي سگهي ٿو. چيو ته ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اينٽي ڪرپشن چيئرمين جي پي ايس خلاف ڏمڪين جو ڪيس داخل

ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام سرور ابڙو کي آفيس ۾ چيئرمين سان ملاقات ڪرائي : فريادي

اندر آفيس ويس ته ڊپٽي ڊائريڪٽر چيئرمين کي ڏمڪيون ڏئي رهيو هو

ڪراچي (م ڊ) اينٽي ڪرپشن سنڌ جي چيئرمين ذوالفقار شاهه جي پي ايس ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام سرور ابڙو خلاف ڏمڪين جو ڪيس داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وحشيانه تشدد ۽ شيلنگ برداشت جوڳي ناهي : زين شاهه

ڊاڪٽر ماهه رنگ سميت ڪيترين ئي عورتن ۽ ٻارن تي تشدد افسوسناڪ آهي

حڪومت جو اهو رويو غير جمهوري، غير سياسي ۽ غير انساني عمل آهي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه اسلام آباد ۾ پرامن "بلوچ ايڪتا مارچ" ۾ شرڪت ڪندڙن تي طاقت جي استعمال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

الڪشن ڪميشن رجسٽرڊ سياسي پارٽين جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

الڪشن ڪميشن ۾ 175 سياسي پارٽيون رجسٽرڊ آهن : الڪشن ڪميشن

رجسٽرڊ سياسي پارٽين جي تفصيل ۾ مسلم ليگ(ن) پيپلز پارٽي پارليامينٽرين، پاڪستان پيپلز پارٽي شامل آهن

جمعيت علماءِ اسلام، پي ٽي آءِ، ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ قومي وطن پارٽي رجسٽرڊ آهن

اسلام آباد: سڌسماءُ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) الڪشن ڪميشن رجسٽرڊ سياسي پارٽين جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا آهن. الڪشن ڪميشن رجسٽرڊ سياسي پارٽين جا تفصيل جاري ڪندي ٻڌايو آهي ته الڪشن ڪميشن ۾ 175 سياسي پارٽيون رجسٽرڊ آهن. الڪشن ڪميشن پاران رجسٽرڊ سياسي پارٽين جي تفصيل ۾ مسلم ليگ(ن) پيپلز پارٽي پارليامينٽرين، پاڪستان پيپلز پارٽي، جمعيت علماءِ اسلام، پي ٽي آءِ، ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ قومي وطن پارٽي شامل آهن. ان ڪان علاوه نيشنل پارٽي، بي اين پي مينگل، مسلم ليگ(ق) مسلم ليگ جوڻيجو، مسلم ليگ فنڪشنل، عوامي مسلم ليگ، بلوچستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گهر ٺهرائي ڏيو: سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري آڏو نالن جي متاثرن جو احتجاج

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري آڏو اورنگي ۽ گجر نالن جي متاثرن احتجاجي مظاهرو ڪيو

مظاهري ۾ عورتن ۽ ٻارڙن جو وڏو اڱڻ شريڪ، گهر ٺهرائي ڏيو جا نعرا هنيا ويا

اسان کان اسان جي ڇت کسي وئي، ايجان تائين نه معاوضو مليو ۽ نه ئي گهر ٺهي مليا آهن : مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري آڏو نالن جي متاثرن طرفان احتجاج ڪيو ويو. سخت نعريبازي ڪئي وئي. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري آڏو اورنگي ۽ گجر نالن جي متاثرن احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري ۾ عورتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري نالن جي متاثرن کي معاوضن جي فوري ادائگي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

عدالت اختيارين کي 15 ڏينهن اندر عبوري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

دوران سرڪاري وڪيل ۽ متاثرن جي وڪيل وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري اورنگي، گجر ۽ محمود آباد نالن جي رهيل متاثرين کي معاوضن جي فوري ادائگي جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت اختيارين کي 15 ڏينهن اندر عبوري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لطيف ڪوسه پي ٽي آءِ جو سينئر نائب صدر مقرر، لاهور مان چونڊ وڙهڻ جو اعلان

اسان جي اميدوارن کي نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪرڻ ۾ پريشانيون پيش اچي رهيون آهن : لطيف ڪوسا

اسان کي نامزدگي ڪاغذ نه پيا ڏنا وڃن اها ڪهڙي ليول پليئنگ فيلڊ آهي

اسان کي اسڪروٽني سرٽيفڪيٽ کي حاصل ڪرڻ ۾ پريشانيون پيش اچي رهيون آهن

حيدرآباد: پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئشن جي مرڪزي چيئرمين ۽ ٿلسيميا وارڊ جي ڊائريڪٽر ممتاز علي جتوئي اي ايم ايس پير غلام حسين صاحب سان گڏ وارڊن جو وزٽ ڪندي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي بانيءَ عمران خان لطيف ڪوسه کي پي ٽي آءِ جو سينئر نائب صدر مقرر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته سردار لطيف ڪوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پوليو وائرس خلاف جنگ ۾ اسان سيني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: ڊپٽي ڪمشنر

گهوٽڪي (رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي چيو آهي ته پوليو وائرس خلاف جنگ ۾ اسان سيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ ۾ سرڪاري ملازمن ۽ سيني زڪوات چيئرمينز جي سياسي سرگرمين ۾ شرڪت ۽ سنڌن بدلين تي پابندي لاڳو

اها پابندي اليڪشن ڪميشن ۽ قانون واري نگران وزير عمر سومري جي هدايت تي لڳائي وئي

نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ڀڃڪڙي تي چونڊ قانونن تحت ڏنڊ لاڳو ٿيندو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ سرڪاري ملازمن ۽ سيني زڪوات چيئرمينز جي سياسي سرگرمين ۾ شرڪت ۽ سنڌن بدلين تي پابندي لاڳو ٿئي اهي. سنڌ جي اوقاف، عشر زڪوات ۽ مذهبي معاملن واري ڪاني سرڪاري ملازمن ۽ زڪوات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪي اين شاهه ۾ ثقافتي عيد پرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، جهمريون

سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي نغما، گيت، ٽيبلو، نظم ۽ مختلف عنوانن ذريعي اجاگر ڪيو ويو

ليڪڪ سائين نظير ميراڻي ۽ ٻين شهرواسين شرڪت ڪري ثقافتي تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيو

سنڌ جي ثقافت تاريخ تمام پراڻي آهي جنهن جي ثقافت، مهمان نوازي پوري دنيا جي اندر مشهور آهي : اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ : برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه جي بهترين اداري ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ هر سال جيان هن سال ثقافتي عيد پرپورجوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. جنهن ۾ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي نغما، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خيرپور ناٿن شاهه : ثقافتي تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

شهدادڪوٽ جي پيپلز اسڪول ازت فائونڊيشن ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ پيپلز اسڪول ازت فائونڊيشن شهدادڪوٽ ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ڪري قومي گيتن تي رقص ڪيو. ان موقعي تي اسڪول جي ايڊمنسٽريٽر مراد پنڊراڻي، وائيس پرنسپال صدام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مانجهند پرسان ڪٽڪ پيلاڻ ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف آبادگار پاران احتجاج

زمين تي پوڪيل ڪٽڪ جو فصل ٽريڪٽر ذريعي پيلائي تباهه ڪري ڇڏيو آهي : پيربخش گائينچو

جاچ ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند پرسان پيلي ڪاٽي جي چوڻاڻي ۾ 20 ايڪڙ سروي زمين ۾ پوڪيل ڪٽڪ پيلاڻ ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف آبادگار جو سخت احتجاج دانهون مينا رشوت نه ڏيڻ تي انتقامي ڪارروائي جو الزام، تفصيل موجب مانجهند ۾ ديه گائينچا جي آبادگار پيربخش گائينچو پاران پيلي ڪاٽي جي ظلمن خلاف پريس ڪلب مانجهند آڏو احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مهراڻ ٽراما ڪلينڪ ڏاڍيچي پاران هڪ ڏينهن لاءِ ڏندن جص مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽرن شيام ڪمار ۽ ڊاڪٽر خبيب شيخ ڏندن جي مختلف بيماري جي مريضن جو مفت علاج ڪيو

مهراڻ ٽراما ڪلينڪ جي تعاون سان ڊاڪٽر طاهر احمد شيخ جي سرپرستي ۾ ڪئمپون ٿينديون رهيون آهن : اڳواڻ

هنن ڪيئمپن جو مقصد غريب مسڪين بي پهچ ماڻهن کي صحت جو مفت سهولتون ڏيڻ آهي

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) مهراڻ ٽراما ڪلينڪ ڏاڍيچي پاران هڪ ڏينهن لاءِ ڏندن جص مفت ڪئمپ لڳائي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽرن شيام ڪمار ۽ ڊاڪٽر خبيب شيخ ڏندن جي مختلف بيماري جي مريضن جو مفت علاج ڪيو ۽ ڪين مفت دوائون ڏنيون انهي موقعي تي مهران ٽراما ڪلينڪ جي مالڪ ڊاڪٽر سلطان شيخ ڪئمپ جي وزٽ جي دوران ميڊيا سان گفتگو ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو : ميڊيڪل ڪئمپ تي ڊاڪٽر مريض جي چڪاس ڪري رهيو آهي

بدين ۾ حضرت بي بي فاطما زهراهه جي شهادت جو ڏهاڙو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ)حضرت بي بي فاطما زهراهه جي شهادت جو ڏهاڙو بدين ۽ ان جي آس پاس وارن شهرن ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو بدين تلهار نندو شهر ڪڍڻ نندو باگو بهاڙمري ۽ ٻين نندين وڏن شهرن ۾ خاتون جنت کي پرسو ڏنو ويو بدين ۾ امام بارگاهه زينبيا امام بارگاهه اعزاخانا زهرا امام بارگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

وارهه ۾ جنرل اليڪشن جون تياريون عروج تي پهتل

پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اميدوارن ۾ سخت مقابلا ٿيڻ جا امڪان

علاوه جي يو آءِ تحريڪ انصاف جي ڊي اي ۽ آزاد اميدوارن پاران به نامينيشن فارم ورتا ويا

هر دفعي ماڻهن کي مس گائيڊ ڪري ووٽ وٺندڙن جو گهيرو تنگ تي چڪو آهي : اميدوار

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ جنرل اليڪشن جون تياريون عروج تي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اميدوارن ۾ سخت مقابلا ٿيڻ جا امڪان آهن. تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران ضلعي ڪمبر شهدادڪوٽ ۾سيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏهرڪي جي لياقت ڪالوني جي رهواسڻ هڪ مهينو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهي

هڪ مهينو اڳ شهباز ملڪ ۽ سندس ساٿي منهنجي گهر ۾ گهڙي منهنجي شادي شده ڌيءَ گلناز ملڪ کي اغوا ڪري ويا : امڙ

اغوا جو ڪيس ڏهرڪي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي پر ڏهرڪيءَ پوليس اغوا ڪندڙن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي

جيڪڏهن اسان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جي ذميواري صرف شهباز ملڪ ۽ سندس ساٿين تي هوندي

گهوٽڪي(رپورٽ لاڊچند موٽواڻي) ڏهرڪي جي لياقت ڪالوني جي رهواسڻ 20 ورهين جي شادي شده چوڪري گلناز ملڪ هڪ مهينو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهي آهي. انور خاتون پنهنجي پٽ صدام ملڪ سان گڏ ڏهرڪي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڏهرڪي : پيرسن عورت ڏيءَ جي بازيابي لاءِ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

سڪر واسڻ پيرسن عورت پاران انصاف جي حاصلات لاءِ احتجاج، انصاف جي گهر

سڪر(بيورو رپورٽ) انصاف جي حاصلات لاءِ سڪر واسڻ پيرسن عورت جو سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج نوٽيس وٺڻ جي گهران سلسلي ۾ سڪر جي علائقي موسي گهٽي شبير پلازه دادو چوڪ جي رهواسڻ پيرسن عورت مسمات سرتاج بيگم زال محمد عثمان بلوچ سڪر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين : ايس ٽي آر پاليسي جي ابتڙ نياڻي جي تعليم تباهه، اختياريون خاموش

ضلعي جي 100 کان مٿي گرلس ۽ بوائز پرائمري اسڪول حڪومت جي ايس ٽي آر پاليسي تي عمل نه ٿيڻ سبب بند پيل

ڪيترائي استاد استعيفيٰ ڏيڻ بعد چئن مهينن تائين جولاءِ کان وٺي آڪٽوبر تائين پگهارون ڪٽي رهيا آهن : ذريعا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تعليم ڪاتي جي آفيسرن جي نااهلي ۽ اقربا پروري سبب ايس ٽي آر پاليسي جي ابتڙ نياڻي جي تعليم تباهه رشوت ۽ سفارش تحت . بند پيل اسڪولن تي عورت ٽيچر رجوع بدران بدين شهر جي اسڪول تي مقرر آهن . هيڊ ماسٽر ۽ تعليم ڪاتي جي پرائمري ضلعي آفيسر جي حڪم کي ماسٽر مڃڻ لاءِ تيار نه آهن .هيڊ ماسٽر جي شڪايت بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ اليڪشن جو اعلان ٿيندي ئي اميدوارن پنهنجون سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون

مختلف اميدوارن پنهنجون سرگرميون شروع ڪري فارم وصول ڪرڻ وارو عمل تيز ڪري ڇڏيو

رسول بخش جاکرو پاران ضلعي ٺٽي جي قومي تڪ اين اي 225 تي آزاد اميدوار طور نامزدگي فارم حاصل ڪيو

حڪمرانن هميشه هتان جي عوام کي نظرانداز ڪري سندن حق غضب ڪيا آهن : رسول بخش جاکرو

ٺٽو(ڊ ر) اليڪشن جو اعلان ٿيندي ئي اميدوارن پنهنجون سرگرميون شروع ڪري فارم وصول ڪرڻ وارو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ رڏيرو رسول بخش جاکرو پاران ضلعي ٺٽي جي قومي تڪ اين اي 225 تي آزاد اميدوار طور نامزدگي فارم رٽرننگ آفيسر کان فارم وصول ڪرڻ سميت مڪلي جي رهواسي اعجاز چانڊيو طرفان پي ايس 75 ٺٽو تان آزاد اميدوار طور فارم وصول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو : جوڻين لاءِ مختلف اڳواڻ فارم حاصل ڪري رهيا آهن

سڪر : هندستاني زائرين جي ساڌو بيلا پهچڻ تي ضلعي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ شاڊائي دربار پاران شاندار استقبال

سڪر(رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) هندستاني زائرين جي ساڌو بيلا پهچڻ تي ضلعي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ شاڊائي دربار جي خدمتگارن ياترين جو شاندار استقبال ڪيو تفصيل موجب هندستان مان آيل 98 زائرين جو وفد شاڊائي دربار تيرت آستان جي سربراهه سنت پڌهشتر لال جي اڳواڻي ۾ شري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سڪر مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

ڪماري رهائي ڪميٽي جي ڪيمپ تي راحيلا يوسف انصاري ، آصف مگسي، علي حيدر پٽي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

79 ڏينهن تي ويا پر افسوس جو ڪنهن حڪومتي نمائندي يا ڪنهن اداري نوٽيس ورتو آهي : اڳواڻ

معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ علي اصغر منگريو جي اغوا ۾ ملوث ماڻهن جي سنڌ پوليس کي خبر هوندي بازياب نه پيو ڪرايو وڃي

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سڪر مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، نوجوان علي اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سڪر پريس ڪلب اڳيان احتجاج 79 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود سنڌ سرڪار يا پوليس مغوين جي بازيابي لاءِ ڪردار ادا نه ڪيو آهي احتجاجي ڪئمپ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي ڪيمپ تي راحيلا يوسف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڳوڙهيار ۾ آر او پلانٽ چئن سالن کان خراب پيل

چونڊيل نمائندن سميت انتظاميه کي شڪايتون ڪرڻ جي باوجود تدارڪ ناهي ٿيو : رهواسي

اسان جو آر او پلانٽ گذريل چئن مهينن کان خراب پيل آهي، رهواسي پيئڻ جي پاڻي ڊڪ لاءِ پريشان آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڳوڙهيار ۾ آر او پلانٽ چئن سالن کان خراب پيل، رهواسي پاڻي ڊڪ لاءِ پريشان خبرموجب :اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڳوڙهيار جي سنيو چتري پاڙي ۾ لڳل آر او پلانٽ انتظامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي ۾ انڊس پريس ڪلب جي سالياني چونڊ

چار سال پورا ٿيڻ تي پريس ڪلب جي چوٽين سالگرهه تقريب ڪوٺائي وئي

تمام آيل مهمان کي انڊس پريس ڪلب ڪراچي پاران اجرڪ پارايا ويا

ڪراچي(باغي ساگر) ڪراچي ۾ انڊس پريس ڪلب جي سالياني چونڊ تي ڪڏري. اصغر بروهي صدر چونڊجي ويو. خبر موجب انڊس پريس ڪلب ڪراچي کي چار سال پورا ٿيڻ تي پريس ڪلب جي چوٽين سالگرهه تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي : ڪڏجاڻي دوران اڳواڻن جا ورتل فوٽو

سنڌيار ڪراچي جو ٽنڊوباگو تعلقه رپورٽر سهيل احمد سمون هميشه لاءِ وڇڙي ويو

مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، صحافين، شهرين ۽ برادري جي ماڻهن جي شرڪت

سينئر صحافي سهيل احمد سمون جي اوچتو وفات تي ٽنڊوباگو جي صحافين ۾ ڏک جي لهر ڇائينجي وئي

ٽنڊوباگو(رپورٽ رفاقت جرو) ٽنڊوباگو جو مشهور ۽ سينئر صحافي روشني سنڌيار ڪراچي جو ٽنڊوباگو تعلقو رپورٽر سهيل احمد سمون حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهمپير واسي نوجوان ٿهي جي شاعر خير محمد ڪوي جي 58 هين سالگرهه تقريب

شبير احمد، زاهد ايوب ملاح، ڊائود ميربحر، نظير شورو، ابوبڪر پالاري ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

ملڪ ۾ روڙندڙ مهنگائي عوام جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، غريب طبقو سخت پريشان آهي : اڳواڻ

ٺٽو(ڊر) جهمپير واسي سنڌ جي نوجوان ٿهي جي شاعر خير محمد ڪوي جي 58 هين سالگرهه تقريب ڪوي هائوس جهمپير تي منعقد ڪري آيل دوستن پاران ڪيس سنڌ جي سوڪڙي اجرڪن پهرائي سندس سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ آپڪا جي سينيئر نائب صدر عبدالڪريم پاند ۾ آجياڻو

آپڪا سنڌ جو سينيئر نائب صدر عبدالڪريم پاند ملازم دوست اڳواڻ آهي : اڳواڻ

رهيل مسئلن جي حل لاءِ به جدوجهد جي ميدان ۾ آهي، اسان جو ساڻس مڪمل سهڪار رهندو

ٺٽو(ڊر) آپڪا هيلٿ ونگ سجاول پاران آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسئيشن سنڌ جي سينيئر نائب صدر عبدالڪريم پاند کي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو : آپڪا پاران ڪوئيل آجياڻي واري تقريب جو ڏيک

خيرپور ناٿن شاهه ۾ اليڪشني سرگرمي تيز، اميدوار ڪاميابي لاءِ پرجوش

انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو آر او آفيس پي ايس 80 ڪي اين شاهه صوبائي تڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

سنڌس ڪورنگ اميدوارن ۾ پائيٽبو پ پ پاران شازيه مري متوقع اميدوار

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ : برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ اليڪشني سرگرمي تيز اڳوڻي پ پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو پاران هائوس خانپور جوڻيجو ڪان 13 ڪلوميٽرن تائين سوين گاڏين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهدادڪوٽ ۾ بلوچستان اسمگلنگ ٽينڊرڙ پاڻ هٽ، ٽريڪٽر تحويل ۾ ورتو ويو

بلوچستان اسمگلنگ ٽينڊرڙ وڏي انگ ۾ پاڻ سان پريل 22 ڪان وڌيڪ ٽريڪٽر هٽ ڪيا ويا

9 ٽريڪٽر بي سيڪشن ٿاڻي تي ۽ 13 ٽريڪٽر اي سيڪشن تي ٻيهاري پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيا

شهدادڪوٽ(ڊ ر)شهدادڪوٽ ۾ آبادگارن ۽ شهرين جي شڪايت تي بلوچستان اسمگلنگ ٽينڊرڙ پاڻ هٽ ڪري پاڻ سان پريل ٽريڪٽر ٿاڻن تي آڻي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا. گذريل رات دير سان بلوچستان اسمگلنگ ٽينڊرڙ وڏي انگ ۾ پاڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهدادڪوٽ : اسمگلنگ ٽينڊرڙ پاڻ جو ٽرڪون ٻيهل آهن

اڳوڻو ايم اين اي محمد خان جوڻيجو پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شامل

اين اي 209 سيٽ تي اليڪشن وڙهندو پ پ پاران شازيه مري متوقع اميدوار

سانگهڙ لاءِ ڪميٽي قائم خدا بخش راجڙ ۽ محمد خان جوڻيجو کي اهم ذميواري ملي وئي

ٽنڊو آدم (ٽنڊو آدم سياست ۾ دنگل، اڳوڻو ايم اين اي محمد خان جوڻيجو پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شامل، اين اي 209 سيٽ تي اليڪشن وڙهندو پ پ جي پاران شازيه مري متوقع اميدوار، اين اي 210 تي جي ڊي اي پاران سائر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ميرپور ساڪرو پي ايس 76 ٺٽو 2 وارو تڪ بحال

گهوڙاپاري تڪ کي بحال ڪرڻ واري پٽيشن سنڌ هاءِ ڪورٽ اڪلائي ڇڏي

تعلقي ميرپورساڪرو جي سڄاڻ ڏرين خوشي جو اظهار ڪيو، مبارڪون ڏنيون ويون

گهوڙا پاري(رپورٽر) گهوڙاپاري پي ايس 76 تڪ کي اليڪشن ڪميشن ختم ڪري ميرپور ساڪرو کي بيهر بحال ڪري پي ايس 76 بنايو ويو آهي جنهن سبب گهوڙاپاري جي عوام سان وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي آزاد اميدوار غلام نبي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور : امتياز احمد شيخ ٽيون دفعو پ پ جي ٽڪيٽ تي فارم جمع ڪرايو

پيپلز پارٽي اڳواڻ مقبول احمد شيخ، فراز امتياز شيخ ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ ساڻس گڏ هئا

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين ذوالفقار علي ڪمارو، قاضي نعيم اڪبر ۽ ٻين جي شرڪت

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) جنرل اليڪشن 2024ع جي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ، ٽيون دفعو پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي پي ايس-7 مان اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ وڏي قافلي جي صورت ۾ محمد فيضان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور : امتياز شيخ جوڻين لاءِ فارم جمع ڪرائي رهيو آهي

دڙو ۾ لائوڊ اسپيڪر ۽ پريشر وارن هارن وڄائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

نمازين حاجي صالح ڪيچي، ماما شفيع ميمڻ، پنهون ٽيڪري، عزيز جان سولنگي، اسماعيل ڪيچي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سزوڪين، ٽرڪن، ٽريڪٽرن ۽ ٻين گاڏين ۾ پريشر هارن ۽ وڏي آواز سان لائوڊ اسپيڪر وڄائڻ ڪري نماز ۾ خلل پوي ٿو : مظاهرين

گاڏين ۾ پريشر هارن ۽ لائوڊ اسپيڪر وڄائيندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ شهرين، واپارين ۽ مسجد جي نمازين پاران لائوڊ اسپيڪر ۽ پريشر وارن هارن وڄائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو، تفصيل موجب دڙو ۾ ٽرانسپورٽرن پاران گاڏين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو شهر جا 3 پورهيت اسڪول عمارت جي چت ڪرڻ سبب زخمي، اسپتال داخل

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جا 3 پورهيت اسڪول عمارت جي چت ڪرڻ سبب زخمي، پيارو اسٽيشن ۾ پرائمري اسڪول جي عمارت کي ڊاهڻ دوران اسڪول جي چت ڪرڻ سبب 3 جڻا سخت زخمي ٿيا جن کي علائقي واسين زخمي حالت ۾ دادو ڊي ايچ ڪيو اسپتال ۾ علاج لاءِ آندو ويو. جتي زخمين مزدورن جي سڃاڻپ سليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو : لائوڊ اسپيڪر ۽ هارن وڄائڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرياستي پرسان ڳوٺاڻي پاران بااثرن خلاف احتجاج

بااثرن 10 سال اڳ پاءُ عبدالمالڪ برهي کي قتل ڪري ڇڏيو هو : ڳوٺاڻو

بااثرن رمضان بروهي، عبد الله بروهي ۽ اساما بروهي کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)پرياستي پرسان ڳوٺاڻي جو بااثرن جي ٻيٽنا زيادتين خلاف احتجاج ڪارروائي مطالبو. ان سلسلي ۾ ڳوٺ حبيب الله بروهي جي رهواسي ڳوٺاڻي سليمان بروهي ميڊيا سينٽر ۾ بااثرن رمضان بروهي عبد الله برهي اساما برهي ۽ ٻين جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته بااثرن ڏهه سال اڳ منهنجي پاءُ عبدالمالڪ برهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

پرياستي پوليس ڪلهوڙا برادري جي ماڻهن متان ڏيوٽي اٽڪاءُ جو ڪيس داخل ڪري ورتو

عورتن مردن نوجوان نجاد ڪلهوڙو جي گرفتاري لاءِ گهر تي چڙهائي ڪئي هئي ۽ وارثن ڏرٽو هنيو هو

پوليس هڪ عورت سميت پنجن جڻن متان ڏيوٽي اٽڪاءُ سميت مختلف قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪري ورتا

مسمات سڪينا ڪلهوڙو، آچر ڪلهوڙو، رحمت الله ڪلهوڙو، رياض ڪلهوڙو ۽ شوڪت ڪلهوڙو شامل

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياستي ۾ به ڏينهن پرياستي پوليس زيادتين خلاف ڪلهوڙا برادري جي عورتن مردن نوجوان نجاد ڪلهوڙو جي گرفتاري لاءِ گهر تي چڙهائي ڪئي هئي ان واقعي خلاف سندس وارثن ڏرٽو هنيو هو. ان تي پرياستي پوليس ڪلهوڙا برادري جي هڪ عورت سميت پنجن جڻن متان ڏيوٽي اٽڪاءُ سميت مختلف قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪري ورتا آهن جن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊوباگو تعلقي جي پي ايس 70 تي نامزدگي فارم وصول ڪرڻ وارو سلسلو پئي ڏينهن به جاري

ٽنڊوباگو(رفاقت جرو) ٽنڊوباگو تعلقي جي پي ايس 70 تي نامزدگي فارم وصول ڪرڻ وارو سلسلو پئي ڏينهن به جاري رهيو. اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ۽ ريٽرننگ آفيسر جي آفيس مان پي ڏينهن تي مجاهد حسين خواجه وڪيل، تحريڪ لبيڪ جي محمد آصف، عمران سومرو، جاويد جمالي، اسرار جمالي، محمد طيب، گل حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : پوليس هتان گرفتار ڪيل جوابدار حراست ۾ بيٺل آهي

پ پ عوامي خدمت تحت چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي : ناصر حسين شاهه

اتحاد جڙندا رهندا آهن اهڙا اتحاد ذاتي مفادن لاءِ هوندا آهن جيئن ئي اليڪشن ويجهو ايندي ته اتحادين جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري ويندي آهي

پ پ جا چونڊيل نمائندا عوام جي خدمت لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. عوام کي سندن جائز حق ۽ بنيادي بلدياتي سهولتون ملڻيون آهن

سڪر سميت ٻين شهرن ۽ يوسيز ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن عوام جي سهڪار سان جلد مڪمل ڪيا ويندا

سڪر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)مڪاني ڪاتي سنڌ جي اڳوڻي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت تحت چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي، هي اتحاد جڙندا رهندا آهن اهڙا اتحاد ذاتي مفادن لاءِ هوندا آهن جيئن ئي اليڪشن ويجهو آيندي ته اتحادين جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري ويندي آهي. پ پ جا چونڊيل مڪاني نمائندا عوام جي خدمت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

عادلپور پرسان سنڌي ثقافت جي حوالي سان شاندار تقريب منعقد

شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌي جي ثقافت تي تقريرون، ثقافت سان پريل ٽيبلوز ۽ سنڌي ثقافتي گيت پيش ڪيون

اسڪول جي شاگردن جي ٽيلينٽ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن ۾ سوالن جوابن، تقريرن ۽ نعتن جا پڻ مقابلا ڪرايا ويا

ثقافت سان جيڪو رشتو هوندو آهي اهو هڪ تمام مضبوط رشتو آهي وقت ۽ حالتن سان ان تبديلي ۽ نواڻ به ايندي ٿي رهي : اڳواڻ

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر)عادلپور پرسان سنڌي ثقافت جي حوالي سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ مهراڻ ماڊل ايليمينٽري اسڪول عدر مهر ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جتي سنڌ جي ثقافت پهڪي پئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جيڪب آباد ۾ گڏجي جنرل اليڪشن لڙڻ ۽ گڏيل اميدوار تي اتفاق ٿي ويو

جيڪب آباد(رپورٽر)جيڪب آباد جي يو آءِ ۽ محمد ميان سومرو ضلعي ۾ گڏجي جنرل اليڪشن لڙڻ ۽ گڏيل اميدوار تي اتفاق جلد سرپرائز ڏيو. نامينيشن فارم جو وقت ٿورو ڏيڻ جي ڪري اميدوارن کي گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ تڪليف سبب وقت وڌائڻ جو مطالبو. خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام ۽ سابق وفاقي وزير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

عادلپور : ثقافتي تقريب دوران پارڙيون ٽيبلوز پيش ڪري رهيون آهن

دادو : سوئي گئس آفيس ۾ انڌير نگري، هفتي کان پٽي ڪالوني ۾ مڪمل گئس بند

سوئي گئس انتظاميه گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري دادو واسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

شهري، ضامن علي، عبدالقدير، سجاد علي سولنگي الطاف حسين پنهور، وقار علي چنه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ نه ختم ڪئي وئي ته گئس آفيس اڳيان ڌرڻو هڻڻ تي مجبور ٿي ويندا سين : مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) دادو : سوئي گئس آفيس ۾ انڌير نگري دادو ۾ سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي هفتي کان پٽي ڪالوني ۾ مڪمل گئس بند ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته سوئي گئس انتظاميه گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري دادو واسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. خبر موجب دادو شهر جي پٽي ڪالوني، نجم ڪالوني، پير بخش ڪالوني، شهباز ڪالوني، مزدورآباد، ٻٽ محلا، مچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

محراڀپور جي نجي حرا ماڊل هاءِ اسڪول پاران لاءِ 2 روزا سنڌ فيسٽيول جو ثقافتي پروگرام

فيسٽيول دوران هارڙن سنڌ سميت چئني صوبن جا يادگار شاهڪار نمونا ٺاهي ڏسندڙ کي حيران ڪري ڇڏيو

صحتمند سرگرميون پيدا ڪري سندن ذهني نشوونما جي راهه ويجهه لاءِ هر سال جيان فيسٽيول جو اهتمام ڪيو ويندو آهي : اڳواڻ

انتظاميا هارڙن جي بهترين تربيت ڪري ڏسندڙ کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، هارڙن جي اهڙي تربيت وقت جي اهم ضرورت آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)محراڀپور جي نجي حرا ماڊل هاءِ اسڪول پاران هارڙن ۾ ذهني نشوونما جي راهه ويجهه لاءِ 2 روزا سنڌ فيسٽيول جو ثقافتي پروگرام رٽيو ويو. هارڙن سنڌ سميت چئني صوبن جا يادگار شاهڪار نمونا ٺاهي ڏسندڙ کي حيران ڪري ڇڏيو. مزار قائد، قائداعظم جي ريزيڊنسي، ٽر، ڪعبه الله، روضه امام حسين برج خليفه، سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت اوطاق، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سوپوديرو ۽ ان جي آس پاس جي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ منشيات جو واهپو عام ٿي ويو

سوپوديرو(رپورٽر)سوپوديرو ۽ ان جي آس پاس جي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آئيس هيروئين آفيم پنگ چرس شراب ۽ ٻيو نشو عام ٿي ويو آهي نوجوان نشي جا عادي بڻجي ويا پوليس خاموش تماشائي بڻيل. تفصيل موجب: سوپوديرو شهر ۽ ان جي آس پاس جي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هيروئين آئيس آفيم پنگ چرس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

محراڀپور : ثقافتي ميلي دوران اڳواڻ ٻيٺل آهن

شهدادڪوٽ ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

اسلام آباد ۾ بلوچن مظاهرين متان پوليس جي لاٺي چارج، تشدد ۽ گرفتارين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پنهنجي پيارن جي بازيابي ۽ ڪنيي گم ڪيلن جي ڳولا لاءِ نڪتل مارچ جي رستا روڪ جي مذمت ڪيون ٿا : مظاهرين

گرفتار بلوچ اڳواڻ ماهه رنگ بلوچ، ٻين عورتن ۽ مرد شاگردن کي آزاد ڪري پرامن احتجاج ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سڏ تي اسلام آباد ۾ بلوچن م

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 22 ڊسمبر 2023ع

امن امان بهتر بنائڻ ۾ نگران جي ناڪامي

سنڌ ۾ هونئن ته امن امان جي صورتحال ڪڏهن به آئيڊيل نه پري جي ڳالهه، اهڙي به نه رهي آهي جنهن کي اطمينان جوڳو چئي سگهجي پر هينئر، جڏهن عام چونڊن جي موسم آهي اهڙي صورتحال ۾ بدامني جو وڏڻ کو عام رواجي معاملو ڪونهي. ڏٺو اهو ويو آهي ته جڏهن به سياسي غير يقيني هوندي آهي يا وري اليڪشن جي مند هوندي آهي ته بدامني تمام گهڻي وڌي ويندي آهي ۽ اهو گمان ٿيڻ لڳندو آهي ته جڻ بدامني جي ايڪسيليٽر تي ڪن اڻ ڏٺل قوتن جو پير هجي. هن وقت به صورتحال اها ئي آهي. اغوا انڊسٽري عروج تي آهي. شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي جو پئنگ خاطر اغوا جي ڪا واردات نه ٿيندي هجي. رڳو ٻن ڏينهن ۾ تنگواڻيءَ مان پنج ماڻهو اغوا ڪيا ويا آهن. جنهن مان امن امان جي صورتحال جي سنگينيءَ جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. عوام جي انتظاميا تي دباءُ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪو هڪڙو مغوي بازياب ٿئي ٿو ته پنج ڇٽا وري اغوا ٿي ٿا وڃن. هونئن ته سڄي صوبن جي امن امان جون حالتون بهتر نه آهن پر سنڌ ۾ ڏاڙيل گرديءَ تر تپائي ڏنو آهي. ماڻهو لڳاتار اغوا پيا ٿين پر نگران انتظاميا ان سڄي معاملي کان لاتعلق بڻيل آهي. نگران حڪمرانن واڳون سنڀاليندي ئي ڏاڙيلن خلاف آپريشن جو اعلان ڪيو هو ۽ ڪجهه ڏينهن ته پوليس ۽ رينجرز جي گاڏين جي ڪچي ڏانهن "آوت جاوت" رهي پر پوءِ معاملا وري "معمول" تي اچي ويا ۽ اهو اعلاڻيل آپريشن نه ٿيو. هاڻي ته رڳو "نه ويندا نه ڇڏيندا سين" جهڙا بيان اچي رهيا آهن پر عملي طور تي ڪوبه تحرڪ نه پيو ورتو وڃي. اسان نگران منتظمين کان اهو سوال پڇڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته آخر ڪهڙي مجبوري، مصلحت يا بيوسي آهي، جنهن جي ڪري ڏوهارين خلاف قانون کي تحرڪ ۾ نٿو آندو وڃي؟ عام چونڊون ايندڙ سال 8 فيبروري تي ٿيڻيون آهن ۽ عام چونڊن جي شفاف انعقاد لاءِ امن امان جون بهتر حالتون بنيادي ضرورت آهن. چو ته امن امان هوندو ته ماڻهو بنا خوف جي، گهران نڪري ووٽ جو حق استعمال ڪري سگهندا پر بدامنيءَ ۽ غير يقيني صورتحال ۾ هڪ ته ٽرن آئوٽ گهٽ رهندو ۽ ٻيو چونڊون غير يقيني ۽ خوف جي ماحول ۾ ٿينديون. بدامني جي بالادست صورتحال ۾ چونڊ مهم ڪيئن هلي سگهندي. ان ڪانسواءِ سامان جي حفاظت سان ترسيل کان وٺي پولنگ پرامن ٿيڻ ۽ بيلٽ باڪسن جو اليڪشن جي منتظمين تائين پهچڻ به صرف ۽ صرف پرامن ماحول تي آڌاريل آهي. هن کان اڳ به چونڊن جي موسم ۾ هر پيري چونڊ عملو به اغوا ٿيندو رهيو آهي ۽ سياسي مخالف ان جو الزام هڪبئي تي هڻندا رهيا آهن ۽ ان ۾ ڏوهاري پيشا ماڻهن جو استعمال ٿيڻ به هاڻي راز نه رهيو آهي. شديد بدامني جي باوجود سنڌ جي نگران حڪومت جنهن "عفو ۽ درگذر" جو مظاهرو ڪندي رهي آهي، ان تي شديد حيرت ٿئي ٿي. تنگواڻي مان ٻن ڏينهن اندر پنج ماڻهو اغوا ڪيا ويا آهن. ماڻهو روڊن رستن ۽ مصروف شاهراهن تان اغوا ٿي رهيا آهن. جن کي ڪجي ۾ ڏاڙيلن جي ٽاڪن تائين پهچايو وڃي ٿو پر حيرت اها آهي ته رستي ۾ چڪاس جي ڪنهن به اسپيڊ بريڪر تي انهن کي نٿو روڪيو وڃي. اهي ماڻهو شاهراهن کان وٺي ڪچي تائين ڪيئن ٿا پهچن. اهو ڪهڙو نيٽ ورڪ آهي؟ نگران منتظمين اهو نيٽ ورڪ ٽوڙڻ جي به ضرورت محسوس نه ڪئي آهي. سوال اهو آهي ته آخر نگران ڳالهيون ۽ بيانن کان اڳتي وڌي شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ عملي طرح تياري چو ڪونه پيا ڪن؟

سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن ابتري ڏانهن وڌندڙ امن امان جي حالتن تي اسان ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته پئنگ خاطر اغوا ڪندڙ ڏاڙيلن ۽ ڏوهارين خلاف پوليس ۽ رينجرز جي مدد سان اثرائتو آپريشن ڪيو وڃي ته جيئن چونڊن کان اڳ امن امان جون حالتون بهتر ٿي سگهن. تنگواڻي مان اغوا ٿيل پنجن مغوين سميت سڄي سنڌ مان پئنگ خاطر اغوا ٿيل ماڻهن کي آزاد ڪرايو وڃي. ڏوهارين ۽ انهن جي سهولتڪارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

پيپلز پارٽيءَ جا سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ جا ڪيترا امڪان آهن؟

ايم بي سومرو

ملڪ جي گاديءَ واري شهر جا اڪثر صحافي ۽ تجزئي نگار اهو چوندي نظر ايندا آهن ته، "سنڌ ۾ هاڻي به پيپلز پارٽي مضبوط آهي" پر ڪين اهو شايد ئي درست معنيٰ ۾ پتوهجي ته هن وقت پيپلز پارٽي کي سنڌ صوبي جي وڏي سياسي طاقت بنائي رکڻ لاءِ مفاهمت جي بادشاه تصور ٿيندڙ آصف زرداري کي ڪيترا پاپڙ ويلڻا پئجي رهيا آهن. ڪين اهو به شايد اندازو هجي ته ماضي ۾ پيپلز پارٽي جا سياسي حريف تصور ٿيندڙ پيپلز پارٽي ۾ ڪيئن آٽي سٽيا ويا يا ايڊجسٽ ڪيا ويا آهن جڏهن ڪين پرائن 'هيندلرز' جو اشارو ٿيندو. ان وقت سنڌ ۾ پيپلز پارٽي ڪهڙي مسئلي ۽ پريشاني جو شڪار ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي صورتحال ۾ پيپلز پارٽي ڪيئن مقابلو ڪري سگهندي؟ ڪين اهو به شايد اندازو هجي ته هن وقت پيپلز پارٽي جي سنڌ ۾ به اها مقبوليت نه رهي آهي، جيڪا محترما بينظير جي دور ۾ هوندي هئي پر اها به حقيقت آهي ته محترما جي شهادت بعد 2018ع جي چونڊن تائين مسلسل پيپلز پارٽي واضح سادي اڪثريت واري حڪومت ٺاهي آهي. ائين ڪڏهن محترما بينظير ڀٽو جي دور ۾ به نه ٿي سگهيو. ائين ڪرڻ ۾ آصف زرداري چو ڪامياب ويو ۽ محترما ائين پنهنجي زندگي جي پنجن چونڊن دوران سنڌ صوبي ۾ چومسلسل حڪومت قائم نه ڪري سگهي؟ واري مامري تي بحث ۾ ٻوٽداسين ته ڪالم ڳهو ٿي ويندو. ان ڪري مختصر طور صرف ايترو چوڻ چاهيان ٿو ته محترما بينظير جي دور ۾ مڪمل طور تي سڌو سيڪڙو پيپلز پارٽي سنڌ ۾ عوامي طاقت تي بيٺل هئي. ان وقت اليڪٽيبلز کي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي لوڙ هوندي هئي پر هن وقت جيتري پيپلز پارٽي کي اليڪٽيبلز جي محتاجي لاحق ٿي وئي آهي، اوتري سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي مجبوري پهريان لاحق نه رهي آهي. خير پاڻ واپس اچون ٿا 8 فيبروري تي ملڪ اندر ٿيندڙ عام چونڊن طرف. پيپلز پارٽي سمجهي رهي آهي ته اڳ کان وڌيڪ واضح ميندبت واري پيپلز پارٽي سنڌ ۾ حڪومت ٺاهيندي، جڏهن ته 'ن' ليگ، جي ڊي اي وارا سمجهن ٿا ته هن ڀيري اهي سنڌ ۾ اتحادي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. اهي دعوائون، تجزيا ۽ رايا پنهنجي جاءِ تي پر سنڌ ۾ ڪير حڪومت ٺاهيندو؟ ان بابت فيصلو چونڊ جا نتيجا ئي ڪندا. ڪير ڪهڙي دعوا ڪري رهيو آهي، ان ماموري کي پاسي تي رکي ماضي ۾ ٿيل چونڊن جي رڪارڊ ۽ موجوده صورتحال کي سامهون رکي اهڙو تجزيو ضرور ڪري سگهون ٿا، جنهن سان تصوير چٽي ٿي سامهون اچي ته سنڌ ۾ ڪير حڪومت ٺاهيندو ۽ ڪيئن ٺاهي سگهي ٿو؟ سنڌ اسمبلي جي ميمبرن جو مخصوص سيٽن سوڌو ڪل تعداد 168 آهي، جن ۾ 29 عورتن ۽ 9 اقليت لاءِ مخصوص سيٽون آهن. جيڪي مخصوص سيٽون جنرل سيٽون حاصل ڪندڙ پارٽين ۾ حاصل ٿيل جنرل سيٽن جي آڌار تي ملنديون آهن. مطلب ته سنڌ ۾ حڪومت جي قيام لاءِ جنرل سيٽن تي ڪاميابي ٿي فيصلاڪتي آهي. سنڌ اسمبلي جا صوبي اندر مجموعي طور تي 130 جنرل تڪ آهن. جنهن جو مطلب اهو ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ جيڪا پارٽي يا ڌر 130 جنرل سيٽن مان 66 سيٽون حاصل ڪندي، اها سنڌ ۾ واضح سادي اڪثريت واري حڪومت ٺاهي سگهندي. اوهان کي ٻڌايان ته سنڌ جي 130 جنرل سيٽن مان ڪراچي ڊويزن ۾ 47 جنرل سيٽون آهن. 83 جنرل تڪ باقي سنڌ ۾ آهن. 2018ع جي عام چونڊن وقت ايم ڪيو ايم ڏاڻ ۾ ورهايل هئي. 2024ع جي چونڊ ۾ ته ڪراچي ڊويزن ۾ ٽن جنرل صوبائي سيٽن جي واڌ ٿي آهي، ان ڪري تعداد 47 تي پهتو آهي. 2018ع جي چونڊن ۾ ڪراچي ڊويزن ۾ جنرل سيٽون ڪل 44 هيون. ايم ڪيو ايم جي ڏاڻ ۾ تقسيم ٿيڻ باوجود ڪراچي ڊويزن مان پيپلز پارٽي کي ڪل 44 جنرل سيٽن مان 6 سيٽون مليون هيون. ايندڙ چونڊن ۾ ڪراچي ڊويزن ۾ پيپلز پارٽي کي جتي ميئر هجڻ جو فائدو ٿي سگهي ٿو اتي ڪراچي ڊويزن جي آبادي ۾ سڀ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ اردو، پنجابي ۽ پشتو ڳالهائيندڙ ماڻهو سڀ کان وڌيڪ تعداد ۾ رهن ٿا. ايم ڪيو ايم ۽ 'ن' ليگ چونڊ اتحاد ڪري چڪا آهن. ايم ڪيو ايم پشتو ووٽرن کي پاڻ طرف چڪڻ لاءِ پختونن کي به سيٽون ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي پر پختونن جا ڪراچي ۾ ووٽ تقسيم ٿيندا، چو ته پختون ووٽر پي ٽي آءِ سان به جڙيل آهن ته پيپلز پارٽي عبدالقادر مندوخيل کي پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ جونڊرائي اهو محسوس ڪرائي جڪي آهي ته ڪراچي جو پختون ووٽر پيپلز پارٽي سان به سلهاڙيل آهي. اگر پاڻ فرض ڪريون ته پيپلز پارٽي کي ڪراچي ڊويزن مان 2018ع جيتريون 6 سيٽون ملن ته ان صورت ۾ پيپلز پارٽي مخالفن ووٽ ڪراچي ڊويزن جون 41 سيٽون اچي سگهن ٿيون. جڏهن ته سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 66 سيٽون حاصل ڪرڻ ضروري آهن. ان حساب سان پيپلز پارٽي مخالفن کي ڪراچي ڊويزن جي سيٽن کانسواءِ باقي سنڌ مان 25 وڌيڪ جنرل سيٽون حاصل ڪرڻيون پونديون. 2018ع جي عام چونڊن ۾ ڪراچي ڊويزن کانسواءِ باقي سنڌ مان جي ڊي اي 11 جنرل سيٽون حاصل ڪيون هيون. ايم ڪيو ايم کي ڪراچي کانسواءِ باقي سنڌ مان 3 ۽ پي ٽي آءِ کي به سيٽون مليون هيون، جيڪي مجموعي طور تي 16 سيٽون ٿيون. مطلب ته پيپلز پارٽي مخالف پارٽين کي 2018ع ۾ ڪراچي ڊويزن کانسواءِ باقي سنڌ ۾ حاصل ڪيل 16 سيٽن بجاءِ 9 سيٽون وڌيڪ يعني 25 سيٽون حاصل ڪرڻيون پونديون. ڪراچي ڊويزن جي 47 سيٽن مان 41 سيٽون حاصل ڪرڻ ۽ باقي سنڌ مان 25 سيٽون حاصل ڪرڻ پلي پيپلز پارٽي مخالف پارٽين لاءِ ناممڪن مامرو نه هجي پر اهو عمل ايترو آسان ان ڪري به نه آهي، جو ڪراچيءَ کانسواءِ سنڌ جي ٻين ضلعن مان پي ٽي آءِ کي جيڪي به سيٽون مليون هيون. انهن مان شهريار شر پيپلز پارٽي ۾ هليو ويو آهي، علي گوهر مهر جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي گهوٽڪي مان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، اهو به پيپلز پارٽي کي پياروٿي ويو آهي. ائين شڪارپور مان شهريار مهر جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي ڪاميابي ٿيو هو، اهي شڪارپور جا مهر به پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي چڪا آهن پر جي ڊي اي توڙي 'ن' ليگ سنڌ ۾ ننهن چوٽي جو زور لڳائي رهيا آهن. هر ضلعي ۾ پيپلز پارٽي جو مقابلو ڪرڻ جي رڻابندي ڪئي پئي وڃي پر جي ڊي اي سميت پيپلز پارٽي مخالف پارٽيون دادو، جيڪب آباد، بدين، حيدرآباد، سانگهڙ، خيرپور، نوشهرو فيروز ۽ هڪ اڌ سيٽ تي لاڙڪاڻي ۾ مقابلي جهڙي صورتحال ۾ نظر اچي رهيون آهن. بشير ميمڻ جي سياست ۾ انٽري ڪري مٽياري ۽ سائين جلال محمود شاه جي جونڊ وڙهڻ سان جامشوري جي تڪن تي به مقابلي جي فضا جڙي سگهي ٿي پر پيپلز پارٽي مخالفن سامهون مسلسل پندرنهن سالن کان سنڌ تي حڪومت ڪندڙ پيپلز پارٽي جا اميدوار ۽ سياسي شطرنج جي گرپيچن جو ماهر آصف زرداري آهي، چو ته سنڌ سوڌو ملڪ ۾ هاڻي سياست اصول پرستي، نظريي جي نه پر اقتدار لاءِ سياسي مينيجمينٽ جي ٿي رهي آهي. هر ڪو اقتدار لاءِ سياسي مينيجمينٽ لاءِ هر رستو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل نظر اچي ٿو ڏسجي ته سنڌ ۾ چونڊن دوران ڪير ڪنهن کي پنهنجي گر پيچن سان زير ٿو ڪري! پاڪستان جي آئين جي ابتدائيي ۾ چيو ويو آهي ته، "حاڪميت الله تعاليٰ جي آهي. پاڪستان جي جمهوريت کي جيڪي رياست جي حدن اندر اختيار استعمال ڪرڻ جو حق هوندو، اهو مقدس امانت آهي. رياست پاڪستان جا اختيار چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ڪيا ويندا". آئين جي منڊ ۾ ئي جنهن سوچ ۽ طريقيڪار کي واضح ڪيو ويو آهي ته رياست جو نظام عوام جي چونڊيل نمائندن ذريعي هلايو ويندو. آئين جي ان روح مطابق رياست جو نظام هلائڻ لاءِ ضروري آهي ته ملڪ ۾ صاف شفاف ۽ منصفائيون چونڊون ٿين ۽ حقيقي عوامي ميندبت حاصل ڪندڙن جي ٿي ملڪ جو اقتدار حوالي ٿيڻ گهرجي پر اسان جي چونڊن جي تاريخ پيانڪ آهي ڪنهن جا چونڊن کان اڳ هٽ پير ٻڌي ميدان ۾ مقابلي لاءِ چڏيو ويندو رهيو آهي ته ڪنهن کي نور نظر بنائي ان جي اقتدار ۾ اچن جا رستا آسان بنايا ويندا رهيا آهن. 1947ع کان 1970ع تائين ته سموري بالغ آبادي کي ووٽ جو حق ٿي حاصل نه هو 1970ع جي جن چونڊن ۾ هر بالغ شهري کي ووٽ جو حق ڏنو ويو، انهن چونڊن ۾ عوام جي اڪثريت جي ڏنل ميندبت تحت عوامي ليگ کي اقتدار حوالي ڪرڻ بجاءِ جنگ جوئي وئي ۽ ملڪ به اڌ ٿي ويو. 1977ع ۾ ٿيل عام چونڊن تي سياسي ڌرين جا اعتراض ايترا وڏي تعداد ۾ سامهون آيا، جو انهيءَ صورتحال جي آڙ ۾ جنرل ضياءُ الحق ملڪ ۾ آمريت مڙهي ڇڏي. آئين ۾ ڪٿي به آمريت لاڳو ڪرڻ جو ڪنهن کي به ڪو اختيار نه ڏنل آهي، نه ئي ڪنهن آمر جي غير آئيني قدمن کي جائز قرار ڏيڻ جو ڪنهن کي ڪو اختيار مليل آهي پر ملڪ ۾ آمر آمريت مڙهيندا رهيا آهن ۽ پاڻ کي آئين جو محافظ سمجهندڙ ۽ آئين جي تشريح ڪرڻ جا اختيار رکندڙ منصف، آمرن جي قدمن کي جائز قرار ڏيڻ سان گڏ ڪين آئين ۾ ترميم ڪرڻ جا به اختيار ڏيندا رهيا آهن. ضياءُ الحق مارشلا مڙهڻ بعد ملڪ ۾ چونڊون ڪرائڻ جا ڪيترائي واعدا ڪري نٽائيندو رهيو ۽ ان ملڪ اندر چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊون ڪرايون پر مرضي جا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ آمريتي چٽيءَ هيٺ چونڊن جي نتيجي ۾ قائم اسمبلي کي به هلڻ نه ڏنو ويو. ائين ضياءُ جي آمريت ان جي جهاز حادثي تائين پوري زور شور سان جاري رهي. ان بعد 1988ع ۾ عام چونڊون ڪرايون ويون. انهن چونڊن ۾ به خاص طور تي پيپلز پارٽي ۽ ٻين عوامي پارٽين کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ آءِ جي آءِ قائم ڪيو ويو. هائي اها جا راز جي ڳالهه نه رهي آهي ته آءِ جي آءِ کي قائم ڪرڻ ۾ مرضي جا چونڊ نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ رياستي ادارن ڪيئن رياست جو پئسو پاڻي وانگر وهايو پر پوءِ به پيپلز پارٽي اقتدار ۾ اچي وئي ته ان حڪومت کي لڳ ڀڳ 18 مهينن ۾ ٽي گهر ماٽيو ويو. 1990ع جي عام چونڊن ۾ 1988ع ۾ قائم ڪيل آءِ جي آءِ کي ميدان ۾ آندو ويو. آءِ جي آءِ ان بعد حڪومت ته ناهي پر ان کي به گهر پيڙو ڪيو ويو. 1993ع ۾ ٿيل چونڊن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت قائم ٿي پر ان کي به بن سالن بعد ختم ڪيو ويو. 1997ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ ميان نواز شريف پاري ميندبت واري حڪومت قائم ڪئي پر آمر پرويز مشرف انهيءَ حڪومت جو به تختو اونڌو ڪري آمريت قائم ڪري ڇڏي. پرويز مشرف به جيترو چونڊن کان پڇي پئي سگهيو پڇو پر ان 2002ع جي عام چونڊن ۾ مرضي جا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ نيب کي مختلف پارٽين خلاف استعمال ڪيو. اڌ کان وڌيڪ 'ن' ليگ جي اڳواڻن کي پنهنجي ڪنگز پارٽي 'ق' ليگ ۾ شامل ڪرايو. 2002ع جي چونڊ نتيجن بعد ڪيس گهربل تعداد ۾ سيٽون نه مليون ته پيپلز پارٽي پيٽريٽ قائم ڪرائي وئي. پرويز مشرف جي آمريت جي چٽيءَ ۾ پهريون پيرو اسمبلي مدت پوري ڪئي پر آمريت جي دور ۾ به ڪنهن وزير اعظم پنج سال جي مدت مڪمل نه ڪئي. ان بعد 2008ع ۾ چونڊ ٿي، جنهن کان ڪجه ڏينهن اڳ اڳوڻي وزير اعظم بينظير پٽو شهيد ٿي وئي. ان جي شهادت جي ڪجه ڏينهن بعد ٿيل چونڊن باوجود پيپلز پارٽي کي مرڪز ۾ سادي اڪثريت جي حڪومت قائم ڪرڻ جيترين سيٽون به نه ملي سگهيون پر يو ۽ به اتحادي حڪومت قائم ڪري ظاهر القادري جي ڌڙڻ، عدالت پاران يوسف رضا گيلاني کي وزير اعظم جي عهدي تان هٽائڻ باوجود 2008ع جي اسمبلي به پنج سال جي مدت مڪمل ڪئي. ان بعد 2013ع جي عام چونڊن ۾ نواز ليگ حڪومت قائم ڪئي.

*****

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندِن کي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ رِندِيءَ رَساٽي ڪيا.

سال ٢٠٢٤ ۾ ٿيندڙ جنرل اليڪشن ۽ نئي جي سياسي صورتحال

جاويد لطيف ميمڻ

اليڪشن جو دنگل شروع ٿيندي ئي ضلعي نئي ۾ پڻ اليڪشني سياست زور وٺڻ لڳي اليڪشن ڪميشن پاڪستان پاران 8 فيبروري 2042 تي منعقد ٿيندڙ اليڪشن ۾ نئي جي نه صرف مختلف سياسي جماعتن پاران مختلف اميدوارن نامزدگي فارم وٺڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن ته ٻئي پاسي وري مختلف آزاد اميدوار طور نئي سان تعلق رکندڙ مختلف سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پاران پڻ نامزدگي فارم وٺڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن ته ڪي وري مختلف پارٽين ۾ شامل ٿي انهن پارٽين کان ٽڪٽ وٺڻ جون اميدون لڳائي ويٺا آهن سنڌ تي گذريل پندرنهن سالن کان حڪومت ڪندڙ پيپلز پارٽي ضلعي نئي جي رڌئي ۾ پيل رولواجا تائين ختم ناهي ٿي سگهيو گذريل 2 ڏينهن پهرين پيپلز پارٽي ضلعي نئي جي خزانچي وڏيري رسول بخش جاڪرو پاران سندس ٻئي پارٽي تي مختلف الزام هڻي پارٽي سان بغاوت جو اعلان ڪندي پارٽي جي عهدي ۽ بنيادي ميمبر شپ تان استعيفا ڏيندي نئي واري قومي تڪ تي ٻيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته ٻئي پاسي وري ضلعي نئي جي صوبائي تڪ ميرپور ساڪرو تي پڻ پيپلز پارٽي ضلعي نئي جي مختلف اڳواڻن پارٽي سان بغاوت ڪندي راجوٽي اتحاد ناهي راجوٽي اتحاد جي پليٽ فارم تان اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي نئو ضلعو جيڪو شهيد پٽوجي شهادت ڪانپوءِ شهيد راڻي محترما بنظير پٽوجي شهادت تائين پيپلز پارٽي جو مضبوط قلعو سمجهيو ويندو هو جنهن ڪانپوءِ جڏهن کان پيپلز پارٽي جي قيادت زردارين جي حوالي ٿي آهي تڏهن کان ضلعي نئي ۾ پيپلز پارٽي سياسي ليول تي هر ڏينهن ڪمزور پچ تي وڃي ڪيڏي رهي آهي جنهن جي ڪري پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت خاص طور تي آصف علي زرداري پاران ڪڏهن اويس مظفر ٽپي جي صورت ۾ ڪڏهن وري حاجي علي حسن زرداري کي ضلعي نئي جي سياست داخل ڪري پيپلز پارٽي جي ضلعي ۾ ڪمزور پچ هجڻ جي صورت ۾ پنهنجا ڪارڊ مختلف وقتن تي استعمال ڪندي رهندي آهي جڏهن ته مسلسل پندرنهن سال اقتدار ۾ رهڻ ڪري سنڌ جي مختلف ضلعن جيان نئي ضلعي ۾ پڻ سياسي طور مضبوط شيرازي گروپ سميت نئي ضلعي سان واسطو رکندڙ مختلف سياسي وڏيرن پڻ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي سياسي طور تي جيئرو رهڻ ۾ ئي پنهنجي بقا سمجهي پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي پر هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته پيپلز پارٽي ضلعي نئي ۾ پيدا ٿيل بغاوت کي ڪيڏانهن ڪامياب ٿئي يا وري پنهنجن ئي سياسي ڪارڪنن کي ٽڪٽن ڏئي سولو فلائٽ وٺي اليڪشن ۾ حصو وٺندي يا وري وڏيرن کي پرچائي ڪين ٽڪٽن ڏئي اليڪشن ۾ ٻيهاري اليڪشن ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندي جيئن آئون مٿي لکي آيو آهيان ته پيپلز پارٽي شهيد پٽوءِ شهيد بينظير هن وقت ضلعي ۾ وڏيرن جي بغير سياسي طور ڪمزور پچ تي ڪيڏي رهي آهي چو ته وڏيرن جي بغاوت ڪرڻ سان پارٽي کي اليڪشن ۾ ڪٽڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي جيتوڻيڪ نئي ۾ ٽ سجاول ضلعن تي ٻڌل پنهنجي ضلعن جو مظبوط سياسي گروپ شيرازي گروپ جنهن جي قيادت هن وقت ضلعي نئي جو اڳوڻو ضلعي ناظر ماضي ۾ سينيٽر ۽ قومي اسمبلي جو ميمبر رهندڙ سيد شفقت حسين شاه ڪري رهيو آهي جيڪو گروپ اڄا تائين پيپلز پارٽي مان مطمئن نه هجڻ ۽ اختلافن جي باوجود ۽ اڄا تائين پيپلز پارٽي ۾ شامل آهن جڏهن ته ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف پڻ پنهنجا اميدوار سامهون آڻي رهي آهي جنهن ۾ ضلعي نئي جي قومي تڪ تان نئي جو نائبواڙو قانونداڻ ۽ سينيئر وڪيل سيد جميل شاه بخاري. نئي جي صوبائي تڪ تان تحريڪ انصاف ضلعي نئي جي صدر سيد امجد شاه ۽ ميرپور ساڪرو واري تڪ تان تحريڪ انصاف ضلعي نئي جي اڳواڻ آصف راجڙ جيڪو نئي جي هڪ سياسي گهراڻي سان پڻ تعلق رکي ٿو پڻ نامزدگي فارم حاصل ڪري اليڪشن ۾ ٻيهڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن جڏهن ته گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) پاران اڄا تائين صرف نئي واري صوبائي تڪ يعني ايس 75 تي اميدوار طور سامهون آڻي سگهيو آهي ته ٻئي طرف وري گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ضلعي نئي جي ڪنوينر سنڌي ياسر جاڪرو پاران هن هدايتون ملڻ کانپوءِ پاران ضلعي ۾ آزاد اميدوارن سان ملاقاتون جاري آهن ته ٻئي طرف وري نئي جي سينيئر صحافي ۽ عوامي پريس ڪلب جي صدر بلاول سمون پڻ آزاد اميدوار طور نامزدگي فارم وٺي ڪڏريل ڏينهن ايم ڪيو ايم جي مرڪزي قيادت سان ملاقات ڪري ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته مختلف سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پڻ ذاتي حيثيت ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ آزاد اميدوار طور سنڌرا ٻڌي بيٺل آهن جنهن ۾ نئي سان تعلق رکندڙ سماجي اڳواڻ سيد جاويد شاه حسيني سميت مختلف اڳواڻ پڻ شامل آهن ياد رهي ته سال 2023 ۾ ٽيپندڙ آدمشماري ڪانپوءِ حلقا ٻيدي ٿيڻ ڪري خيرپور ۽ سانگهڙ سميت ضلعي نئي مان پڻ هڪ صوبائي تڪ گهٽائي ڪراچي ۾ شامل ڪرڻ سان هن وقت ضلعي نئي ۾ هڪ قومي ۽ ٻه صوبائي تڪ وڃي بچيا آهن ضلعي نئي مان هڪ صوبائي تڪ گهوڙاٻاري کي ختم ڪري ميرپور ساڪرو تڪ ۾ شامل ڪيو ويو آهي انهي تڪ تي ضلعي نئي ۾ پيپلز پارٽي جي ڪوچيئرمن آصف زرداري پاران پهرين اويس مظفر ٽپي کي پيپلز پارٽي جي ٽڪٽ ڏئي ڪنرايو ويو هو تو وري 2018 واري جنرل اليڪشن ۾ سندس مائٽ حاجي علي حسن زرداري هن تڪ تان ايم پي اي چونڊجي آيو هو جڏهن گهوڙاٻاري تڪ ختم ٿيڻ ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ هڪ پيرو ٻيهر ميرپور ساڪرو واري تڪ تان پيپلز پارٽي پاران حاجي علي حسن زرداري کي ٻيهر اليڪشن ۾ ٽڪٽ ڏيڻ تان ميرپور ساڪرو واري تڪ جي عوام سميت پيپلز پارٽي ۾ شامل اتان جي وڏيرن ۽ مختلف برادرين پاران پيپلز پارٽي ۾ بغاوت وارو عمل چوٽ چڙهيل آهي واضح رهي ته هن وقت ضلعي نئي ۾ قومي اسمبلي هڪ تڪ اين اي 225 تي ٻڌل آهي ته ضلعي مان هڪ صوبائي تڪ ختم ڪري ڪراچي ۾ شامل ڪرڻ تان مان ٻن صوبائي تڪن پي ايس 75 نئو ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو تي ٻڌل آهن جڏهن ته نئي جي سياسي صورتحال ڪهڙو ئي ڏڪ وٺي اليڪشن جا فارم پرچي وڃڻ کانپوءِ واضح ٿي سامهون اچي ويندي

بقايا ٢٣ ***

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري 9 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪيو، جنهن ۾ عمران خان جي توشا خانا ڪيس ۾ سزا جو فيصلو معطل ڪرڻ جي درخواست رد ڪئي وئي آهي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ باني توشا خانا ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ مان سزا جو فيصلو معطل ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. عمران خان جي توشا خانا ڪيس ۾ عدالت طرفان سزا معطل ڪيل آهي پر پي ٽي آءِ باني ناهلي ختم ڪرائڻ لاءِ مڪمل فيصلو معطل ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي.

بقايا ٢٤ ***

ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويوبلوچ يڪجهتي ڪميٽي جو قاتلو بلوچستان کان اسلام آباد پهتو، جتي ضلعي انتظاميه ۽ پوليس سامهون اچي وئي. مظاهرين پوليس تي پٿراءُ ڪيو، جنهن تي انتظاميا جي طرفان ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا ٢٥ ***

ايپ تيار ڪري ورتي. آءِ تي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر عمر سيف ۽ مذهبي معاملن نگران وفاقي وزير انيق احمد موبائيل ايپ "پاڪ حج" کي جاري ڪيو. اين آءِ تي بي جي تيار ڪيل موبائيل ايپ حج سال حج ايڊيشن ڏئي رهيو جاڻ ڦنگرتپس ته هوندي. مذهبي معاملن واري نگران وفاقي وزير انيق احمد جو چوڻ هو ته ۽ آءِ تي واري نگران وفاقي وزير عمر سيف مدد نه ڪري ها ته پاڪ حج ايپ ٺهڻي تي نه پهچي ها، موبائيل ايپ کي اردو ۽ انگريزي ۾ ٻڌايو ويو آهي، حج کان اڳ ان ايپ ۾ مقامي هوليون به شامل ڪنداسين. هن چيو ته موبائيل ايپ هڪ ورچوئل ٽيئ کان پوءِ آف لائين به ڪم ڪندي، رهنمائي لاءِ شارٽ ڪليپس تيار ڪري حاجين کي موبائيل ايپ سان موڪلينداسين. ان موقعي تي نگران وفاقي وزير عمر سيف جو چوڻ هو ته خاص سيڪيورٽي سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي هدايت موجب ملڪ ۾ ڊيجيٽلائزيشن تيز ڪئي وئي آهي.

بقايا ٢٦ ***

سميت 11 هزار رپيا في 100 ڪلو مقرر ڪري ڇڏي آهي پنجاب ۾ ڪڻڪ جو اڳهه ساڳيو 11 هزار 750 رپيا ٻوري آهي. خوراڪ ڪاتي اهڙو نوٽيفڪيشن گذريل ڏينهن جاري ڪيو آهي

بقايا ٢٧ ***

۾ بلاول ڪهڙي تڪ تان چونڊ وڙهندر اهو اڄا فيصلو نه ٿيو آهي. نواز شريف سنڌ جو دورو ڪيو ته مان ٽوائيو ٿيندس. جيڪڏهن ميان صاحب کي اقتدار ملي ته چا پوءِ به سنڌ جو دورو ڪندو سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مرت

بقايا 01 سنڌيار

لاشاري، آرم پٽي، عبدالشڪور وڏو، اويس شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي، سنڌ ڌرتي جو مهمان نواز ڌرتي منجهان شمار ٿئي ٿو، سنڌي ماڻهون تويي، اجرڪ پٽڪي، سميت سنڌ جي ثقافت سان ٻي پناه محبت ڪن ٿا.

بقايا 02 سنڌيار

گيت، ٽيبلو نظر ۽ مختلف عنوانن جي ذريعي سنڌي ثقافت کي ٻيهر اجاگر ڪيو ويو. تفصيل موجب خيرپورناٿن شاهه جي بهترين اداري ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ هر سال جيان هن سال ثقافتي عيد پرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، جنهن ۾ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي نغما، گيت، ٽيبلو نظر ۽ مختلف عنوانن جي ذريعي سنڌي ثقافت کي ٻيهر اجاگر ڪيو ويو، تقريب ۾ ڪي اين شاهه شهر جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهر واسين چيف سردار اسد الله برڙو، مشهور قانونداڻ ايڊووڪيٽ ڪي ڪي ڏيرو، ساٿين پروفيسر احمد علي ٻهر، سينيئر تعليمداڻ ليکڪ ساٿين نظير ميراڻي ۽ ٻين شهر واسين شرڪت ڪري ثقافتي تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيو. پرفارمنس ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي معزز مهمانن زبردست پرفارمنس جي ڪري ڪيش پرائز ۽ مختلف انعامات سان نوازيو. پروگرام جي اختتام ۾ ڪيمبريج پبلڪ هاءِ اسڪول جي سينيئر تعليمداڻ محمد اعظم ٻهر مهمانن جو شڪريه ادا ڪندي چيو ته منهنجي تمنا آهي ته مان پنهنجي جنم پومي کي اين شاهه کي وڏيڪ علم جي لاٽ سان روشن ڪري تاريخ جو ورق بڻجي وڃان. هن وڏيڪ چيو ته سنڌ جي ثقافت تاريخ تمام پراڻي آهي جنهن جي ثقافت، مهمان نوازي پوري دنيا جي اندر مشهور آهي.

بقايا 03 سنڌيار

۾ مختلف سياسي سماجي قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. پريس ڪلب جي ايگزيٽيو ڪميٽي جي سربراهه ۽ اليڪشن چيئرمين ايڊووڪيٽ آمتياز بروهي عهديدارن صدر اصغر بروهي، نائب صدر فدا رند، جنرل سيڪريٽري امتياز بڙدي، جوائنٽ سيڪريٽري اسد بروهي، ماليات سيڪريٽري سردار ملاڙ جو اعلان ڪيو. تقريب جي پئي مرحلي ۾ پريس ڪلب جو پڻ ڪيڪ ڪاٽيو ويو. نيشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي چونڊجي آيل عهديدارن کي مبارڪ باد ڏيندي چيو ته انڊس پريس ڪلب باني اصغر بروهي تمام شاندار نمونو سان ڪراچي جي ڳوٺن ۽ انهن جي بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي ۽ انهي ڏوهه ۾ تڪليفون پڻ برداشت ڪيون آهن سنڌ عوامي سٽ ڪراچي جي صدر محبوب رند چيو ته انڊس پريس ڪلب ڪراچي جو بنياد نشين ڪراچي ۽ سرحاني تائين ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن سميت ڪراچي جي زمينن تي قبضن کي واڪو ڪيو آهي جنهن تي ڪيس سلار پيش ڪجي ٿو ن ليگ اڳواڻ رياض بوذار، ليبر ڪائونسلر زينب بلوچ چيو ته هي پريس ڪلب بهترين طريقي سان مظلوم طبقي جو آواز اٿاري رهيو آهي غريبن سان پوليس زيادتيون ۽ مافيائن جي حملن کي هميشه لڪيو آهي آخر ۾ تمام آيل مهمان کي انڊس پريس ڪلب ڪراچي ياران اجرڪ پاراايا ويا.

بقايا 04 سنڌيار

لاپرواهي سبب گذريل چئن سالن کان خراب پيل آهي رهواسين لچڻ چنري، سنور لال، چهنمول رويش، دولترام ۽ ٻين موجب اسان جو آر او پلانٽ گذريل چئن مهينن کان خراب پيل آهي جونديل نمائندن سميت انتظاميه کي شڪايتون ڪرڻ جي باوجود تدارڪ ناهي ٿيو جنهن سبب رهواسي پيشڻ جي پاڻي ڊڪ لاءِ پريشان آهن پلانٽ جي مقرر ملازمن جو پڳهارون به نه ٿيون آهن جنهن سبب انهي جا چلڻ به پري ناهن سگهيا هنن چيو ته چونديل نمائندن ڪمشنر ۾ وعده ڪري ريندا آهن پر بعد ۾ وساري ڇڏيندا آهن هنن مطاليو ڪندي گهر ڪي ته ترت نوٽس وٺي آر او پلانٽ ٺهرائي پاڻي جي سهولت مهيا ڪئي وڃي بڻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 05 سنڌيار

ملاح، منير ملاح، گدا حسين پٽو طور ٿئي جڏهن ته 2 مزدورن منير ملاح، سليم ملاح جي حالت نازڪ هجڻ سبب کين سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا 06 سنڌيار

۾ پريشر هارن ۽ وڏي آواز سان لاڏو اسپيڪر وجائڻ خلاف شهرين، واپارين ۽ قاسمي مسجد جي نمازين حاجي صالح ڪجي، ماما شفيع ميمڻ، نيهون ٽيڪري، عزيز جان سولنگي، اسماعيل ڪجي، عاشق عطاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قاسمي مسجد اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ڳالهائيندي چيو ته سزڪين، ترڪن، تريڪٽرن ۽ ٻين گاڏين ۾ پريشر هارن ۽ وڏي آواز سان لاڏو اسپيڪر وجائڻ ڪري نماز ۾ خلل پوي ٿو، هنن چيو ته پريشر هارن ۽ لاڏو اسپيڪر سبب ڪاروبار ۾ رڪاوٽون اچن ٿيون، وڏو پوليس کي ڪافي پيرا دانهن ڏني آهي پر اجان تائين ڪو به تدارڪ ٿي نه سگهيو آهي. هنن مطاليو ڪيو ته گاڏين ۾ پريشر هارن ۽ لاڏو اسپيڪر وجائيندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 07 سنڌيار

سحاديا ۽ امام بارگاهه ڪسر شاهه نجف ۽ جاگير علي اڪبر کان ماتمي جلوس ڪڍيا ويا جنهن ۾ حضرت ٻي ٻي فاطما کي پرسوڏيڻ لاءِ زنجيرن جو ماتم پڻ ڪيو ويو بعد ۾ اهو جلوس مين امام بارگاهه زينبيا تي پهتو جتي مجلس عزا کي مولانا اختر مشهدي خطاب ڪيو ۽ پيو ننڍن وڏن امام بارگاهن تي پڻ مولانا اختر مشهدي ۽ ٻين خطاب ڪري نبي پاڪ جي نياڻي کي پرسو ڏنو ۽ سعودي عرب حڪومت کان گهر ڪئي ته ٻي ٻي فاطما جو روزو فورن ڦهرايو وڃي.

بقايا 08 سنڌيار

چيو ته مهراڻ ٽراما ڪليڪ جي تعاون سان آرٿوپيڊڪ سرجن ڊاڪٽر طاهر احمد شيخ جي سرپرستي ۾ ضلعي ٽئي جي مختلف علائقن ۾ مختلف بيمارين جو مفت ميڊيڪل ڪئمپس ٿيندين رهنديون آهن هنن ڪئمپن جو مقصد غريب مسڪين ٻي پهچ ماڻهن کي صحت جو مفت سهولتون ڏيڻ آهي مهراڻ ٽراما ڪليڪ ڏاڍيجي جي تعاون سان مزيد هن قسم جي ڪئمپن لڳائڻ جو سلسلو جاري رهندو جيئن اسان جا ماڻهون مستفيد ٿي سگهن

بقايا 09 سنڌيار

ڪير ويو ان موقعي تي ميڊيا سان گالهائيندي چيو تنگ مانجهند ايٽ خاتون جو رينج فاريسٽ آفيسر بخت جتوئي فاريسٽر علي رضا ڪوسو ديهه گاڻيجا ۽ وڏي پوليس نفري سان سندس 20 ايڪڙ سروي زمين تي پوکيل ڪڪ جو فصل ٽريڪٽر ذريعي پيلائي تباهه ڪندي سندس سميت 8 جڻن تي قبضي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هن وڏيڪ چيو ته سندس زمين آمري پيلي ڪان 12 ڪلوميٽر پري آهي پر عملدار رشوت به ڏيڻ تي ڪاروائي ڪندي وڏو ظلم ڪيو آهي هن لڪين روپيا قرض ڪٽي فصل پوکيو آهي هاڻي قرض ۾ ڪنگال ٿي ويس هن سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس چيف سيڪريٽري ۽ پيلي ڪاتي جي سيڪريٽري کان مطاليو ڪيو ته جانچ ڪري سائس انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 10 سنڌيار

جي هڪ اسپتال ۾ معدي جي آپريشن کان پوءِ 50 سالن جي جمار ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي مڙهه کي ٽنڊوباگو آندو ويو. مرحوم کي مصري شاه جي قبرستان ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو. مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، صحافين، شهرين ۽ برادري جي ماڻهن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. ڪيترن ئي سنڌي توڙي اردو اخبارن ۾ صحافت سان لاڳاپيل رهيوهو سينئر صحافي سهيل احمد سمون جي اوچتو وفات تي ٽنڊوباگو جي صحافين ۾ ڏک جي لهر چائيندجي وئي آهي.

بقايا 11 سنڌيار

ڪيس جنم ڏيندڙ جون مبارڪون ڏنيون ويون، جنهن ۾ لٽي جي سينيئر صحافي محمد ايوب ملاح، محمد امين ميربحر، نور محمد ميربحر، شڪيل احمد، شبير احمد، زاهد ايوب ملاح، دائود ميربحر، نظير شورو، ابوبڪر پالاري، غلام رسول پالاري، سارنگ درس، عبدالقادر پالاري، حمير مل، اڪبر شورو، غلام رسول پالاري، عبدالغفار ڪلهوڙو، نور محمد خاصخيلي، غلام محمد پارچ، حاڪم پالاري، ممتاز خاصخيلي بين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آيل اديبن، شاعرن، استادن ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي، بيروزگاري، بدامني، ڪوهستاني زمينن تي ٽيندڙ غيرقانوني قبضن توڙي والارن سميت ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٿيل ملڪي توڙي غير ملڪي ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نه ملڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته هڪ طرف ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ته ٻئي طرف روزگار نه ملڻ ڪري عوام بيروزگاري سبب بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي رهي آهي، تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي باوجود عام واهپي جي شين جي آڱهن ۾ ڪا به گهٽتائي اچي ناهي سگهي، هنن چيو ته ڪوهستاني پٽي ۾ وڏي تعداد ۾ ملڪي توڙي غير ملڪي ڪمپنين لڳڻ باوجود مقامي ماڻهن کي نه روزگار ٿو ملي ۽ نه ئي ڪيل معاهدن تي ڪو عمل ٿو ڪيو وڃي. هنن چيو ته چورين ۽ ڦرن جي واردتن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري عوام غير محفوظ بڻيل آهي، ڪوهستاني پٽي ۾ چوڻائي مال ۾ وڃندڙ بيمارين پاڳڻين جا ٽاڻا خالي ڪري ڇڏيا آهن، پر انتظاميه ڪو به تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار ناهي ته ٻئي طرف بااثر بلڊر مافيا ياران ڪوهستاني زمينن تي غير قانوني قبضا ۽ والارون ڪري مقامي رهواسين جا رستا به بند ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ڪري مقامي رهواسي سخت پريشان آهن، هنن گهر ڪئي ته مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري امن امان جي صورتحال بهتر ڪري ڪوهستاني زمينن تي ٽيندڙ غير قانوني قبضا ۽ والارون ختم ڪري ڪوهستاني ڳوٺ پڪا ڪري ڪوهستان واسين کي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري سندن ڳوٺ پڪا ڪري ڪوهستان واسين کي پريشاني کان بچايو وڃي. ان موقعي تي محفل جي مور نوجوان شاعر خير محمد ڪوي آيل سمورن دوستن جو ٽورو مجيندي چيو تنگ دوستن جا وڏا وڙجن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو آهي، هن چيو ته هو دوستن جو اهي محبتون ڪڏهن به رساري نٿو سگهي، هن گهر ڪئي ته بيمار شاعرن، اديبن، سگهڙن، فنڪارن ۽ استادن جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي انهن جون حياتيون بچائي انهن لاءِ وظيفا مقرر ڪيا وڃن. جيئن هو ڏکئي وقت مان گذري سگهن.

بقايا 12 سنڌيار

ڪلرڪ برادري سميت سمورن ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ ڪيل لاڙوال جدوجهد ڪرڻ تي ڪيس مجتا ڏيندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس سجاول ۾ آجيائو ڏنوويو. جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سجاول ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿٽو ڊاڪٽر سيد صفدر حسين شاه، سول سرجن سول اسپتال مڪلي ٿٽو ڊاڪٽر محمد ياميين شاه، آپڪا ضلعي ٿٽي جو صدر حاجي اشرف خشڪ ٻهائي، آل گورنمنٽ ايمپلائيز اتحاد ڊسٽرڪٽ سجاول جو چيف آرگنائيزر حاجي مظفر علي لغاري، آپڪا ڊسٽرڪٽ سجاول جو صدر غلام حسين ڊاڀو ٻي ايم اي ڊسٽرڪٽ سجاول جو صدر ڊاڪٽر وزير احمد ميمڻ، ٻي ايم اي ڊسٽرڪٽ ٿٽو جو صدر ڊاڪٽر قمر الدين ٻاربڙ، ايم ايس سول اسپتال سجاول ڊاڪٽر بشير احمد سولنگي، ايم ايس تعلقا اسپتال بلورو ميڊم شهناز خواجه، ايم ايس تعلقا اسپتال جاتي ڊاڪٽر نثار ميمڻ، صحت ڪاتي جي مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ڪي ٻي جت، محبت علي لغاري، مشتاق ڪانڊڙو، اقبال ميمڻ، عبداللطيف جاڙو، شنڪر ٻرمار، آپڪا هيلٿ ونگ سول اسپتال مڪلي ٿٽو جي اڳواڻن حاجي اسد خشڪ، حاجي محمد ابراهيم سميجو سميت وڏي انگ ۾ ڪلارڪن ۽ ٻيرا ميڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي آپڪا هيلٿ ونگ ڊسٽرڪٽ سجاول جي صدر حاجي خميسو خان خواجه، جنرل سيڪريٽري آپڪا هيلٿ ونگ سجاول نورمحمد ميمڻ، سڪندر ميمڻ، فاضل سومرو، حيات ٺهيم، شوڪت علي ميمڻ، رفيق ميمڻ، عيسي ميمڻ، ناصر ۽ ٻين آيل مهمانن جو مانائتو استقبال ڪري مٿن گلن جي ورڪا ڪئي. ان موقعي تي اجيائي تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته آپڪا سنڌ جو سينيئر نائب صدر عبدالڪريم پاند ملازم دوست اڳواڻ آهي، جنهن کي هميشه ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ جو فڪر رهي ٿو. سندس ڪوشش سان ڪافي مسئلا حل ٿي چڪا آهن، رهيل مسئلن جي حل لاءِ به جدوجهد جي ميدان ۾ آهي، اسان جو سائس مڪمل سهڪار رهندو. ان موقعي تي آپڪا اڳواڻ عبدالڪريم پاند چيو ته هو آپڪا هيلٿ ونگ سجاول جي اڳواڻن جو ٽورائتو اهي. جنهن ڪين هيڏو سارو مان ڏنو آهي، هن چيو هو سڄي دل ۽ پنهنجي ايمانداري سان بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي پوري سنڌ جي ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جي ميدان تي اهي، هن چيو ته جلد سمورا مسئلا ملازمن جا حل ڪيا ويندا. ملازم به سائس مڪمل ساٿ ڏين. عبدالڪريم پاند ۽ حاجي اشرف خشڪ ملازمن کي يقين ڏياريو ته هو پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن، اسان سائس هر قدم تي گڏ آهيون، ڪين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندا سين.

بقايا 13 سنڌيار

ڪي قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جو هن مهل تائين ڪو ڏس پتو ناهي هاڻي وري به اثرن منهنجي مٿان حملو ڪري تشدد ڪري نوشانو بڻائي 65 هزار روڪ شناختي ڪارڊ ڦري ورتا آهي هن الزام هڻندي ٻڌايو ته جوابدارن مون کي سخت زخمي ڪري نصرت ڪينال ۾ لوڙهي ڇڏيو هو جتان مون کي مائهن ڪڍي زخمي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال ۾ داخل ڪرايو هن وڏيڪ چيو ته جوابدار مون کي به قتل ڪرڻ چاهين ٿا هن اعلي اختيارين جي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان معاملي جو نوٽيس وٺي ٻاڻن رمضان بروهي، عبد الله بروهي ۽ اسامه بروهي کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 14 سنڌيار

۾ مسمات سڪينا ڪلهوڙو آڇر ڪلهوڙو رحمت الله ڪلهوڙو رياض ڪلهوڙو ۽ شوڪت ڪلهوڙو شامل آهن ان سلسلي ۾ ايس ايچ او اسحاق سنگراسي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڏوهاري نجاد ڪلهوڙو جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي ڪلهوڙا برادري جي جاتايل ماڻهن رود بلاڪ ڪري ڏرڻو هنيو عوام کي پريشان ڪيو هن ٻڌايو ته سندن مٿان مختلف نوعيتن جا ڪيس داخل ڪيا آهن وڏيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 15 سنڌيار

۽ وسيم احمد سميت 28 جڻن پي ايس 70 تي نامزدگي فارم وصول ڪيا.

بقايا 16 سنڌيار

تڪن تي مضبوط اميدوار بيهاريا ويا آهن جڏهن ته بلدياتي اليڪشن ۾ به تحريڪ لبيڪ پاڪستان ياران سخت مقابلا ٿيا هئا. جن ۾ ڪافي سيٽون به ڪنيون ويون هيون. تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ يوسي سطح تائين ميمبر سازي سان گڏ پنهنجا يونٽ کولي چڪي آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن اليڪشن ۾ ٻيلز پارٽي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ٻين پارٽين جي پيٽ ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان ٽين مضبوط پارٽي آهي، تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي جي قومي تڪ اين اي 197 تي پير محمد علي جان مجددي اين اي 196 تي صدام حسين بروهي ۽ ٻي ايس 14 تي محبوب علي ٻي ايس 15 تي غلام رسول ڪنهر ٻي ايس 16 تي عبدالحڪيم چانديو جڏهن ته ٻي ايس 17 تي غلام صديق چنڊيو ڪي اميدوار طور نامزد ڪري ڇڏيو آهي جن طرفان گذريل ڏينهن نامينيشن فارم پڻ جمع ڪرايا ويا آهن. تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اميدوارن جو چوڻ آهي ته تمام سياسي پارٽين کي عوام پرکي چڪو آهي، هن وقت ملڪ جي اهم ضرورت تحريڪ لبيڪ پاڪستان آهي جيڪا نظام مصطفيٰ صلي الله عليڪ وسلم ملڪ ۾ نافذ ڪرڻ چاهي ٿي، انشاءالله جڏهن ملڪ ۾ اسلامي قانون ۽ ناانصافي ختم ٿيندي ته اسان جو ملڪ خوشحال ٿي ويندو. هنن چيو ته هي وقت آهي عوام کي سوچي سمجهي پنهنجي تقدير جو فيصلو ڪرڻو پوندو. هن وقت عوام ۾ سڃاڻپ اڃي چڪي آهي هر دفعي ماڻهن کي مس گائيڊ ڪري ورت وٺندڙن جو گهيرو تنگ ٿي چڪو آهي. ن اليڪشن ۾ سندن کي شڪست نصيب ٿيندي

بقايا 17 سنڌيار

پهتي. ميڊيا سان گالهائيندي هن چيو ته هڪ مهينو اڳ شهباز ملڪ ۽ سندس ساٿي منهنجي گهر ۾ ڪهڙي منهنجي 20 ورهين جي شادي شده ڌي گلناز ملڪ کي اغوا ڪري ويا جنهن جو ڪيس ڏهرڪي ٿاني ٿي داخل ڪيو ويو آهي پر ڏهرڪي پوليس اغوا ڪندڙن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي بلڪ اسان تي ڪيس واپس وٺڻ لاءِ دباءُ وڌو پيو وڃي. انور خاتون چيو ته گذريل رات شهباز ملڪ ۽ سندس ساٿين منهنجي پٽن جي غير موجودگي ۾ گهر ۾ داخل ٿي مون تي وحشيانه تشدد ڪيو ۽ مون کي ڪيس واپس وٺڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪڏهن ڪيس واپس نه ورتو ويو ته توکي تنهنجي ڌيءَ ۽ پٽن سميت قتل ڪري ڇڏيندا سين انور خاتون ۽ سندس پٽ صدام ملڪ آءِ جي سنڌ ڊپي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطاليو ڪيو آهي ته سندس ڌيءَ گلناز ملڪ کي بازياب ڪرايو وڃي ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هن چيو ته جيڪڏهن اسان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جي ذميواري صرف شهباز ملڪ ۽ سندس ساٿين تي هوندي.

بقايا 18 سنڌيار

آهي ته چار هفتا اڳ معمولي گالهه تان جوابدارن اعجاز، ايان، شاهد، سمير، شيراز، تنوير ۽ ٻين معمولي گالهه تان منهنجي پٽ محمد عامر بلوچ کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو. اهڙي واقعي جي اين سي جو ٿاني تي داخل آهي پر پوليس جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. هن ڀڙايو ته ان معاملي تي ايس ايس پي سکر کي به لکت پڙهڪايت ڪئي آهي پر ڪو به تدارڪ ناهي ٿيو. هن اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 19 سنڌيار

پريل 22 کان وڏيڪ ٽريڪٽر هٽ ڪيا ويا آهن. رات دير سان آبادگار اڳواڻ حبيب الله جرواڻ، ڪجلو خان مغيري، شهري اتحاد صدر ڪامريد وهاب پنهنرائي، شيعه اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه شڪايت ڪري ساسولي پوليس چوڪ کان بلوچستان ويندڙ 22 ٽريڪٽرن ۽ هزارين پوربون هٽ ڪرائي ورتيون. هٽ ٿيل ٽريڪٽرن ۾ 9 ٽريڪٽر بي سيڪشن ٿاني تي ۽ 13 ٽريڪٽر اي سيڪشن تي بيهاري پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا آهن.

بقايا 20 سنڌيار

قافلي جي صورت ۾ اڳوٽي پ ب پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو آر او آفيس ڪي اين شاهه پهچي پي ايس 80 ڪي اين شاهه صوبائي تڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. جڏهن ته سندس ڪورنگ اميدوارن ۾ سندس پائيٽيو پ ب پ اڳواڻ زبير احمد خان جوٽيجو، چاند آرائين نامينيشن فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ اليڪشني سرگرمي تيز، اڳوٽي پ ب پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيزجوٽيجو ٻاران جوٽيجا هائوس خانپور جوٽيجو کان 13 ڪلو ميٽرن تائين سوين گاڏين جي قافلي جي صورت ۾ اڳوٽي پ ب پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو آر او آفيس ڪي اين شاهه پهچي پي ايس 80 ڪي اين شاهه صوبائي تڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. جڏهن ته سندس ڪورنگ اميدوارن ۾ سندس پائيٽيو پ ب پ اڳواڻ زبير احمد خان جوٽيجو، چاند آرائين نامينيشن فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ اليڪشني سرگرمي تيز، اڳوٽي پ ب پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيزجوٽيجو ٻاران جوٽيجا هائوس خانپور جوٽيجو کان 13 ڪلو ميٽرن تائين سوين گاڏين جي قافلي جي صورت ۾ اڳوٽي پ ب پ ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو آر او آفيس ڪي اين شاهه پهچي پي ايس 80 ڪي اين شاهه صوبائي تڪ تي نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. جڏهن ته سندس ڪورنگ اميدوارن ۾ سندس پائيٽيو پ ب پ اڳواڻ زبير احمد خان جوٽيجو، چاند آرائين نامينيشن فارم جمع ڪرائي ڇڏيا جنهن دوران پ ب پ ڪارڪنن ورڪرن ٻاران جيئي پٽو جي نعريبازي پڻ ڪري رهيا هئا. پ ب پ اميدوار اڳوٽي ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو ميڊيا وارن سان گالهائيندي چيو آهي ته انشاءالله پيپلز پارٽي سجي دادو ضلعي ۾ سوپ مائينديءَ، مخالفن کي عبرتناڪ شڪست ملندي، انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو وڌيڪ چيو ته اسان جا مخالف سدائين پارٽيون متائيندا رهندا آهن، جيڪي جيڪي عوامي حمايت وڃائي چڪا آهن، هن وڏيڪ چيو ته منهنجي خواهش هئي ته لياقت جتوئي منهنجي سامهون اليڪشن وڙهي، تڪ جو عوام اسان سان گڏ آهي، پ ب پ عوامي پارٽي آهي، 8 فيبروري تي پ ب پ جي فتح جو ڏينهن ۽ مخالفن کي شڪست جو منهن ڏسڻو پوندو، 27 ڊسمبر جي حوالي سان هن چيو ته شهيد راڻي جي ورسي تي پهرين کان وڏيڪ عوامي سمنڊ هوندو، ورسي ۾ پرپور شرڪت ڪندا سين. ان موقعي تي پ ب پ عوامي پارٽي آهي، 8 فيبروري تي پ ب پ جي فتح جو ڏينهن ۽ مخالفن کي شڪست جو منهن ڏسڻو پوندو، 27 ڊسمبر جي حوالي سان هن چيو ته شهيد راڻي جي ورسي تي پهرين کان وڏيڪ عوامي سمنڊ هوندو، ورسي ۾ پرپور شرڪت ڪندا سين. ان موقعي تي پ ب پ اڳواڻ ڊاڪٽر اسد لغاري، پ ب پ اسد خان جوٽيجو، پ ب پ اڳواڻ زبير احمد جوٽيجو، پ ب پ اڳواڻ علي بخش جوٽيجو، پ ب پ تعلقہ صدر اعجاز جاڻيو، پ ب پ سٽي صدر ميرمرتضيٰ' لغاري، تعلقہ بار صدر ايڊووڪيٽ ڪي ڪي ڏيرو، ميونسپل ڪميٽي ڪي اين شاهه چيئرمين ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارو، وائيس چيئرمين ڊاڪٽر غلام محمد شيخ، رئيس مشهدالحق گاڏهي، ڪائونسلر رشيد احمد شيخ، پ ب پ اڳواڻ سجاد حسين جوٽيجو، ضلع ميمبر عقيل احمد ڪوريجو، ضلع ڪائونسل ميمبر وڏيرو ضياءالدين ساريو، يوسي گوزو چيئرمين رئيس غلام محمد لغاري، يوسي ڪنڊيچڪي چيئرمين رئيس ٻيڙو خان گاڏهي، وائيس چيئرمين وڏيرو گلزار سولنگي، يوسي ٿلهو چيئرمين مختيار ڪوسو، يوسي فتح پور چيئرمين رئيس شڪيل خان چانڊيو، ضلع ميمبر سجڻ خان ناڻچ، ممتاز علي ملاح، منارتي ونگ ضلع اڳواڻ هريش ڪمار اوڏ، زاهد زنگيجو، تاج ٻهر ظفرميرلغاري ۽ ٻيا پارٽي ورڪرز ۽ اڳواڻ سائس گڏ هئا.

بقايا 21 سنڌيار

لاءِ ٽينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهن. عوام کي سندن جائز حق ۽ بنيادي بلدياتي سهولتون مليون آهن. سکر ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ شهر هڪ مثالي شهر بڻجي ويندو. جنهن ۾ سکر سميت ٻين شهرن ۽ يوسيز ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ٻيا وڃن عوام جي سهڪار سان جلد مڪمل ڪيا ويندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن تائين ڪاميٽي نثار صديقي جي چيئرمين طارق چوهاڻ ٻاران تائين ۾ جاري ترقياتي ڪمن بابت بريفنگ ڏيندي ڪيو ان موقعي تي ٻين مسئلن تي پيپڻ ويچاريو ويو سيد ناصر حسين شاهه سندن ڪوشش کي سراهيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي پرپور تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 22 سنڌيار

ميان سومرو وڃ ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾ سندس رهائش گاهه تي ملاقات ٿي. جنهن ۾ جنرل اليڪشن گڏجي لڙن ۽ گڏيل اميدوار آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وفد ۾ جي يو آءِ جو ضلعي امير ڊاڪٽر اي جي انصاري، مولانا عبدالجبار رند، حافظ مير محمد بنگلاڻي، پي ايس ٽو ٽل تي جي يو آءِ جو نامزد اميدوار مير شفيق احمد ڪوسو، محمد خان ڪوسو سميت مير اصغر خان پنهور، انور علي سومرو، بشير احمد سومرو، حاجي غلام نبي رند، حافظ مرتضيٰ ڪوسو به موجود هئا. انهيءَ گڏجاڻي بعد جلد ضلعي ۾ سرپرائز ملڻ لاءِ چير پيو وڃي وڏيڪ چيو ته نامينيشن فارم جمع ڪرائڻ لاءِ ٿورو وقت ڏيڻ سبب اميدوارن کي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڏڪيائون ٿي رهيون آهن انڪري انجو وقت وڌائڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا 23 سنڌيار

منعقد ٿيندڙ ثقافتي تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌي جي ثقافت تي تقريرون، ثقافت سان پريل ٽيبلوز ۽ سنڌي ثقافتي گيت پيش ڪري پروگرام ۾ ڪهي آيل مهمانن کي جهومائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تقريب ۾ سنڌ جي ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي رنگن ۾ رنگجي سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب کي اجاگر ڪيو جڏهن ته اسڪول جي شاگردن جي ٽيلينٽ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن ۾ سوالن جوابن، تقريرن ۽ نعتن جا پڻ مقابلا ڪرايا. تقريب جا مهمان خاص اسڪول اپريٽر محمد نواز مهر جن هٿا جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ امان الله مهر قادر بخش عباسي محمد پنهل مهر منظور احمد مهر بشير رضا مهر شرڪت ڪئي شاگردن ۽ شاگردياڻين نعت، تقريرون قومي گيت سهرا ٽيبلوز ڊانس ملا پروگرامس پيش ڪري داد حاصل ڪيو ۽ هوجمالو تي شاگرن توڙي مهمانن جهمر هٿي ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا جڏهن ته اڻ موقعي تي مقررين گالهائيندي چيو ته زندہ قومون پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪندين رهنديون آهن ثقافت سان جيڪو رشتو هوندو آهي اهو هڪ تمام مظبوط رشتو آهي وقت ۽ حالتن سان ان تبديلي ۽ نواڻ به ايندي ٿي رهي هنن وڏيڪ چيو ته سنڌ جا سمورا نجي توڙي سرڪاري ادارا ڪلچر جي حوالي سان ايڪٽيوٽيز ڪن ٿا. اهڙين تقريب ڪورنائن سان شاگردن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي ۽ شاگردن جو تعليم سان لڳاءُ ۽ شوق به وڌي ٿو

بقايا 24 سنڌيار

ساڌو بيلا سڪر آستان پهتو، جتي سڪر جي پ ب منارٽي ونگ جنرل سيڪريٽري راجڪمار واڌواڻي، مڪي ايشورلال ،وجئي ڪمار سميت هندو پنچائت ياران گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ گلن جا هار پاراڻي آجيان ڪئي ۽ آجيان ۽ يادگار شيلڊ ڏني وئي استقبالي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو مهمان خاص ضلعي ڪائونسل سڪر جو چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه هو، جنهن تقريب ۾ آيل ياترين وفد ۾ تحفا ورهايا ويا. ان موقعي تي ملڪ جي سلامتي، خوشحالي لاءِ خصوصي دعا